سدا سُرها گل

(شاهه شهيد جي سلسلي جا روهڙيءَ جا شاعر)

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

مقدمو ۽ ترتيب

ڊاڪٽر نواز علي شوق



Sukkur Historical Society

Scanned by CamScanner

سدا سرها گل

محمد علي مانجهي

مقدمو ۽ ترتيب
ڊاڪٽر نواز علي شوق



Published on the Occasion of
SUKKUR THROUGH CENTURIES
NATIONAL SEMINAR-2001

ڪتاب جو نالو: سدا سرها گل
ليکڪ: محمد علي مانجهي
مقدمو ۽ ترتيب: ڊاڪٽر نواز علي شوق
ڇاپو پهريون: مئي ٢٠٠١ع
ڇپيندڙ: پوپٽ پريس خيرپور
ٽائيٽل: سنڌيڪا اڪيڊمي
ڇپائيندڙ: سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، سکر
اهتمام: ڊاڪٽر ڪليم لاشاري

قيمت: =/40 رپيا

هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ جناب عبدالعزيز ميمڻ سکر واري جو سهڪار شامل آهي.

ملڻ جا هنڌ
سنڌيڪا زونل آفيس
١٩ - بلديه پلازا گهنٽا گهر چوڪ سکر
ڪاٺياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي
سنڌ بوڪ ڪلب گاڏي کاتو حيدرآباد
رابيل بوڪ شاپ المنظر لاڙڪاڻو

فهرست

پبلشر پاران

هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ شاهہ عنايت هڪ وڏو صوفي بزرگ، انسان دوست ۽ زرعي سڌارڪ هو. سندن هيءُ نعرو ”جيڪو کيڙي، سو کائي“ سڄي سنڌ ۾ مقبول ٿي ويو. هزارين عقيدتمند سندن ”دائري“ ۾ شامل ٿي ويا ۽ انهن جو انگ ڏينهون ڏينهن وڌندو ٿي رهيو. جنهن ڪان مغل ۽ مغلن جا چاڙتا خوفزده ٿي ويا. هونئن تہ شاهہ عنايت ۽ سندن فقيرن کي هو شڪست ڪونہ ٿي ڏئي سگهيا، تنهن ڪري هنن دوکو ڪري قرآن پاڪ وچ ۾ آڻي صلح جي بهاني شاهہ عنايت کي شهيد ڪيو. مخالفن ائين ٿي سمجهيو تہ شاهہ شهيد جي قتل ڪان پوءِ سندن فڪر ۽ فلسفي جو خاتمو ٿي ويندو، پر حقيقت هيءَ آهي تہ شاهہ شهيد جو فڪر ۽ فلسفو اڄ بہ زنده آهي ۽ سدائين زنده رهندو، جنهن کي ڪابہ طاقت مٽائي نہ ٿي سهگي ڇو تہ شاهہ عنايت شهيد جا پوئلڳ هزارن جي تعداد ۾ اڄ بہ موجود آهن. وري جيڪڏهن ادبي لحاظ ڪان نظر ڊوڙايون ٿا تہ سوٴ ڪان وڌيڪ شاعر، شاهہ شهيد جي سلسلي سان منسلڪ نظر اچن ٿا. هن موضوع تي سنڌ جي هڪ سڄاڻ اديب ۽ شاعر محترم محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر نواز علي شوق جي رهنمائيءَ ۾ معياري مقالو لکي Ph.D جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

ڊاڪٽر نواز علي شوق ان ٿيسز مان شاهہ شهيد جي سلسلي وارا روهڙي شهر سان تعلق رکندڙ شاعر چونڊ ڪري هيءُ ڪتاب تيار ڪيو آهي. جيئن تہ مير جان الله جي زندگيءَ جو تفصيلي احوال سکر هسٽاريڪل سوسائٽي جي ٻين ڪتابن ۾ اچي چڪو آهي، تنهن ڪري اهو مختصر ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪي اهڙا شاعر شامل آهن، جن جو تذڪرو اڳ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ايترو تفصيل سان ڪونہ ڪيو ويو آهي. ڪن شاعرن جو اڻ ڇپيل ڪلام ڏنو ويو آهي. شوق صاحب هن ڪتاب ۾ شاهہ شهيد جي سوانح تي پنهنجو هڪ مقالو مقدمي طور شامل ڪيو آهي، جيڪو هن ڪتاب لاءِ تمام ضروري هو.

روهڙي شهر کي وار مبارڪ ۽ صوفي بزرگن جي خانقاهن سبب

وڏي اهميت حاصل آهي. فقير قادر بخش بيدل ان شهر جي ساراهہ ڪندي ان کي ”جنات عدن“ ۽ ”سراپا امن“ وارو شهر سڏيو آهي. فرمايو اٿن:

زهي لُهري ڪہ جنات عدن است،
سراپا مجمع آرام و امن است.

انهيءَ جنت واري جُوءِ ۾ سوين الله جا پيارا پانها ۽ صوفي بزرگ مدفون آهن. انهن مان هڪ مير جان الله شاهہ رضوي پڻ آهي، جيڪو شاهہ عنايت شهيد جي وڏن خليفن ۾ اهم حيثيت وارو ۽ خليفو اول هو. هُو نہ فقط هڪ صوفي بزرگ هو، پر فارسي زبان جو بلند پايہ شاعر پڻ هو. پبليڪيشن ڪاميٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق جي ذاتي ڪوشش سان سکر هسٽاريڪل سوسائٽي پاران سندن مڪمل فارسي ڪلام يعني ”ديوان مير“ڇپرايو ويو آهي، جيڪو ڊاڪٽر محمد اسحاق ابڙي صاحب جو Ph.D جو مقالو آهي. ڊاڪٽر ابڙي صاحب پنهنجي ٿيسز سکر هسٽاريڪل سوسائٽي کي ڇپرائڻ لاءِ ڏني، جنهن لاءِ اسان سندن ٿورائتا آهيون. ان ڪان علاوه محترم اختر درگاهي صاحب جو ڪتاب ”تذڪره جانشاهي“ ڇپرايو ويو آهي، محترم محمد علي مانجهي صاحب جو هيءَ ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. اميد تہ اسان جون هي نمائيون ڪوششون پڙهندڙن وٽ قبوليت جو شرف حاصل ڪنديون.

آخر ۾ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي سرپرست ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري صاحب جا ٿورا، جنهن مڙني، ڪتابن جي ڇپائي لاءِ هڙان وڙان مدد ڪئي، ان ڪان علاوه پبليڪيشن ڪاميٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق جا پڻ ڳُڻ ڳائڻ ضروري سمجهان ٿو جو تہ شوق صاحب ڏينهن رات محنت ڪري، هيترا سارا مسودا هٿ ڪري هن موقعي تي پنهنجي نگرانيءَ ۾ ڇپرائي پڌرا ڪيا. سندن هي محنتون سدائين يادگار رهنديون.

اياز گل
سيڪريٽري
اشاعتي ڪاميٽي

مقدمو

ڊاڪٽر نواز علي شوق

ٻارهين صدي هجري وارو عرصو سنڌ لاءِ سورن ۽ مصيبتن وارو دور هو. مغلن جي حڪومت ڪمزور ٿي چڪي هئي. نتي ۾ مغلن جا گورنر جلدي تبديل ٿيندا ٿي رهيا. ان دور ۾ سنڌ واسين ۾ هڪ ٻئي لاءِ بغض ڪينو، ساز وڌي ويو هو. مغلن جي گورنرن جا ظلم، زميندارن جون زيادتيون ۽ ڏڪار اهي سڀ مصيبتون اچي سنڌ تي ڪڙڪيون هيون. علامه دائود پوٽي مرحوم ڪهڙو نه صحيح لکيو آهي ته: ”ان وقت نتي جو ناظر لطف علي خان معزول ٿي چڪو هو ۽ سندس جاءِ تي نواب اعظم خان ڏهلي ۽ ٻاران مقرر ٿيو هو. سندس اٽڪل ڇئن سالن جو عرصو اهل سنڌ لاءِ نحوست جو زمانو هو. هڪ ته ملڪ ۾ سخت ڏڪار پيو ۽ ٻيو ته ان ۾ حق شناس حضرت شاهه عنايت الله جي شهادت جو واقعو پيش آيو“ (۱).

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته شاهه شهيد جي سوانح ۽ سندن ڪارنامن بابت سڀ کان گهڻو ۽ معياري ڪم سيد حسام الدين راشدي مرحوم ڪيو. ”شاهه عنايت شهيد جي سوانح جا ماخذ“ ۽ ”سنڌ جو پهريون زرعي سڌارڪ“- سندن اهي ٻئي مقالا هن سلسلي ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. ان کان علاوه ٻين ڪتاب ۽ چند مقالا لکيا ويا آهن، پر اڃا گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته سندن خليفن ۽ طريقت جي سلسلي بابت وڌيڪ کوجنا جي ضرورت آهي.

---

(۱) مضمون ۽ مقالا: ڊاڪٽر دائود پوٽو ص- ۲۵۸ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد- ڀٽ شاهه سال ۱۹۷۸ع.

ننڍپڻ ۽ جواني :

شاهہ شهيد جي ولادت ۽ ننڍپڻ بابت تذڪره لڳارن تفصيل سان ڪونہ لکيو آهي. اها شڪايت علامہ دائود پوٽي پڻ پنهنجي مقالي ۾ ڪئي آهي. بهرحال شاهہ شهيد جي ولادت ۱۱۶۵هہ ۾ ٿي. ٽي ڀائر هئا، جن مان شاه عنايت وچون هو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد مخدوم فضل الله کان حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ حق جي تلاش ۾ سير سفر تي نڪتا. ميان محمد امين نقشبندي، شاه حمزو ۽ ميان ابراهيم ڪاتيار سفر ۾ ساڻس گڏ هئا. سير سفر ڪندي ملتان آيا ۽ سال کن شيخ شمس الدين ملتاني جي خدمت ۾ رهيا. ان کان پوءِ پيا گهٽائي شهر گهمندي آخر حيدرآباد دکن ۾ شاه عبدالملڪ جيلاني جا مريد ٿيا. اتي مرشد جي ارشاد موجب بانس جي ٻيلن ۾ خوب رياضتون ڪيائون. مرشد مٿن گهڻو مهربان ٿيو ۽ مٿن ابتري تہ فيض جي پالوٽ ڪيائون جو ڪمال جي درجي کي رسيا.

ليٺ هڪ ڏينهن پنهنجي مرشد کان وطن ورڻ جي اجازت گهريائون. شاه صاحب کين اجازت ڏني ۽ سندن آڏو ٽي سو ڪوڙيون رکيائون تہ هنن مان ڪابہ هڪ کڻو. اهي هيون ترار، تسبيح ۽ ڪولرو: پاڻ ترار کنيائون. تنهن تي سندن مرشد فرمايو تہ "ان جو اجورو وڏو آهي." شاه عنايت جواب ۾ عرض ڪيو تہ "سر حاضر آهي." پوءِ کين هدايت ڪيائون تہ: "مات ۽ صبر ڪري سر ڏجو." مرشد کان موڪلائي وطن موٽي آيا. وات تي گهٽائي سندن مريد ٿيا. الهن مان پنج سؤ مريد ساڻن گڏ آيا، جي وري واپس هندوستان نہ ويا (۱).

شادي يون :

شاه شهيد چار شادي يون ڪيون هيون. پهرين پنهنجي چاچي مخدوم محمد عمر جي ڌيائي ۽ سان، جنهن مان کين اولاد ڪونہ ٿيو. ٻي

(۱) انيس المساڪين (قلمي) قاضي غلام مهدي: ص - ۹ ۽ ۱۰، ۱۳۵۰هہ/ ۱۹۳۲ع.

ڪڇ ڀڄ جي راجا جي خاندان مان ڪيائون، جنهن مان ڪين هڪ فرزند ڄائو، جنهن جو نالو شاهه خليل الله هو (۱). جيڪو شاهه عنايت جي شهادت وقت پنهنجي ناناڻن ۾ هو. جتان پوءِ ايران ويو. ٽين شادي ٺٽي جي مخدوم اسماعيل (۲) جي ڌيءَ سان ڪيائون، ان مان ڪين ڪو اولاد ڪونه ٿيو. چوٿين شادي ڏڪرن سوڍن جي گهراڻي مان ڪيائون، جنهن مان ڪين ٻه فرزند ٿيا: پير عزت الله شاهه ۽ پير سلام الله شاهه. والد جي شهادت وقت پير عزت الله شاهه موجود نه هو ۽ پير سلام الله شاهه مهيني سوا جو معصوم ٻار هو. سندن ولادت شهادت واري سال ٿي هئي.

طريقت جو سلسلو:

مير علي شير قانع 'طومار سلاسل' ۽ 'معيار سالڪان طريقت' ۾ شاهه شهيد جو جيڪو طريقت وارو سلسلو ڏيکاريو آهي، تن ٻنهي ۾ فرق آهي. پير حسام الدين شاهه راشدي لکيو آهي ته "مٿين سلسلي ۽ ان کان اول واري سلسلي ۾ فرق آهي، جيڪو غور ڪرڻ ۽ تحقيق ڪرڻ

---

(۱) شاهه خليل الله جو ذڪر فقط "انيس المساڪين" ۾ موجود آهي. باقي ٻئي ڪنهن تذڪره نگار سندن ذڪر ڪونه ڪيو آهي. 'انيس المساڪين' ۾ ڄاڻايل آهي ته شاهه خليل الله هميشه لاءِ ايران رهيو. اتي سندس ڪيترائي مريد هئا. نادر شاهه ۽ احمد شاهه دراني سندن عقيدت مند هئا.

(۲) مير قانع سندن متعلق لکيو آهي ته: فضيلت جي شهرت اوري پري اٿس ۽ مثنوي ڏاڍي شوق سان پڙهندو آهي. پنهنجي مرشد (شاهه عنايت رح) جي ارشاد تي، سندس انتقال بعد دهلي ويو ۽ شاهه غلام محمد وٽان رهيل امانت هٿ ڪري موٽي آيو. هن وقت سندس جهڙو صوفي ٺٽي ۾ ٻيو ڪونه آهي. بحواله: "ڪلهوڙن جون گوٺ وٺن جون"، سيد حسام الدين شاهه راشدي، ص: ۳۳۴.

جي قابل آهي، ڪڏهن وقت مليو تہ الهيءَ سلسلي ۾ آءٌ پنهنجي تحقيق پيش ڪندس.“ (۱)

خوش تسمتيءَ سان ڪين ”گلدستہ صلحاء سورت“ جو نسخو مليو ويو. ان جو ذڪر ڪندي لکيو اٿن تہ ”هن وقت تائين اسان کي فقط اهو معلوم هو تہ شاه شهيد، شاه عبدالملڪ دڪنيءَ کان باطني تعليم حاصل ڪري ان جو خليفو ٿيو؛ ليڪن شاه عبدالملڪ کان اڳتي جي سلسلي ۾ اختلاف هو. خوش قسمتيءَ سان مذڪوره تذڪري ۾ الهيءَ طلائي سلسلي جون سڀئي ڪڙيون شاه فاضل سورتيءَ جي ضمن ۾ محفوظ ڪيون ويون آهن، جي هن ريت آهن:

شاه فاضل خليفو هو شاه پير محمد اورنگ آباديءَ جو، اهو شهباز ملڪوت شاه عنايت شهيد جو، اهو شاه عبدالملڪ جو، اهو شيخ شاهيءَ جو، اهو شاه بهاؤالدين جو، اهو مخدوم ابوالفتح جو، اهو مخدوم ابراهيم جو، اهو شمس الدين جو، اهو بهاؤالدين دولت آباديءَ جو، اهو ابوالعباس احمد جو، اهو مير حسن جو، اهو سيد موسيٰ قادريءَ جو، اهو سيد علي جو، اهو سيد محمد بغداديءَ جو، اهو سيد حسن بغداديءَ جو، اهو سيد محمد بغداديءَ جو، اهو ابو صالح نصر فخرالدين جو، اهو سيد عبدالرزاق جو، اهو حضرت غوث الاعظم سيدنا شيخ عبدالقادر گيلاني رحمة الله عليه جو (۲).

فقير قادر بخش بيدل (وفات ۱۲۸۹هہ) بہ ڪُرسي ناما لکيا آهن: انهن ۾ هن شاه شهيد جي طريقت جو جيڪو سلسلو بيان ڪيو آهي، سو ڪهڙي پاڳي ”صلحاء سورت“ واري سلسلي سان ملي ٿو. سواء هڪ ٻن نالن جي باقي سڀ ڪڙيون ملن ٿيون. ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ فقير قادر بخش بيدل پهريون سندي عالم آهي، جنهن شاه شهيد جي طريقت وارو سلسلو قلمبند ڪيو. هن هيٺ پيشي

---

(۱) ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون، سيد حسام الدين راشدي ص، ۳۳۷.

(۲) ايضاً ص، ۳۴۷.

ڪُرسي ناما ڏنا وڃن ٿا، ته جيئن پڙهندڙن کي بيدل سائين جي شاهه شهيد سان محبت ۽ تاريخي ڄاڻ جو اندازو ٿي سگهي.

يارب بحرمت شه ڪونين مصطفيٰ
يارب بحرمت شهِ مردان مرتضيٰ

يارب بحرمتِ شه شهداءِ ڪربلا
يارب بحقِ زين عبا صاحبِ علا

با حرمتِ محمد باقر امام دين
با حقِ جعفر و شه ڪاظم علي رضا

با حق شيخ ڪرخي معروف پاڪ دل
با حق شيخ سري سقطي شه هدا

با حرمتِ جنيد ڪه بغداد جاي اوست
با حق شيخ شبلي بوبڪر مقتدا

با حق شيخ عبدالواحد شه يمن
ڪو چون سهيل تالنه برچرخ ڪبريا

با حق رهبر دين عبدالله اڪملي
ڪش بود تڪيه گاه بطرطوس منجلا

با حق علي محمد يوسف ڪه قريشي است
با حق ابي سعيد ڪه پير است رهنما

با حرمت علو مرتب جنابِ غوث
با حق قطب عبدالرزاق مهتدا

با حق شاهه سيد ابي نصر محي الدين
با حرمتِ محمد سيد بصد غنا

با حرمت آنڪه سيد موسيٰ است نام او
با حرمت امير حسن شاهه مجتبيٰ

با حق سيد احمد جلي و شافعي
با حق بهاؤالدين شه ارض و سما

با حق شیخ شاهی ملتان مسکنش

با حق شاه عبدالملک اعظم اولیا

با حق عنایت الله صوفی شهید حق

با حق شاه جان محمد شہ اصفیا

با حق شیخ پاک غلام رسول امام

با حرمت غلام محمد شہ صفا

با حق شاه عبدالوہاب قادری

ما راز جمله جلو تکو شاه شان لما

طریق ثانی

احمد علی و حسن و شه زین عابدین

باقر و امام جعفر و کاظم و علی رضا

معروف کرخ و سری سقطی و جنید شیخ

بوبکر شبلی و عبدالواحد شہ صفا

عبدالله و محمد یوسف و ابو سعید

غوث کبیر و عبدالرزاق مہتدا

بونصر وپیر محمد موسیٰ وشہ حسن

احمد بهاؤالدین شہ ارض و سما

زان بعد شیخ شاهی عبدالملک بود

زان پس عنایت الله هادی سوی خدا

جان محمد ست و غلام رسول پس

مقتول حق غلام محمد بصبر علا۔

زان بعد گرد عبدالوہاب قادری

ارشاد طالبان بسوی مقصد بقا

با حرمت وحید شهید فرلگ عشق

و حضرت عنایت الله سلطان اصفیا

با حق فضل شيخ ابراهيم با كمال

كو خورد بادهء وجد ز ميخانهء صفا

با حرمت آن شه كه سلام الله دوست

با حق عزت الله هادي و مهتدا

با حرمت محمد زاهد كمالِ فيض

با حق رتبهٔ شه فضل الله پيشوا

با حرمت محمد صديق و اصلي

با حق با يزيد گل باغِ كبريا

اين بنده كه طالبِ ذوق وصال تست

از جمله سالكان رهِ عشق شود لما .(١)

انسان دوستي ۽ قرباني:

شاه عنايت جڏهن ڏکڻ مان موٽيو ته هن الله جي عبادت سان گڏوگڏ خلق جي خدمت کي پنهنجو شيوو بڻايو. پنهنجي اباڻي زمين کي گڏيل ملڪيت قرار ڏنائون، پير حسام الدين شاه راشدي لکيو آهي ته، "سندس اهل خاندان ۽ سندس مريد يا هاري ناري گڏجي زمين ۾ هر ڪاهيندا هئا، آمدني ۽ پيداوار تي سڀني جو گڏيل حق هو ۽ ونڊڻ وقت هرڪو هڪ جيترو اَن ورهائي گهندو هو." (٢)

سندن فقيري انسان دوستي ۽ هن لئين زرعي نظام سبب ڪيترائي مسڪين هاري پنهنجن زميندارن کي ڇڏي اچي گڏيل ملڪيت ۾ شريڪ ٿيا. تنهن جي پيرن جا ڪيترائي مريد پنهنجن مرشدن کي ڇڏي، اچي شاه عنايت جا مريد ٿيا، تنهن ڪري پيرن مرشدن زميندارن، جاگيردارن

---

(١) بياض فقير محمد حسن پوکر : مملوڪ سيد عبدالحسين شاه موسوي.

(٢) طريق ثاني ۾ شاه شهيد جي طريقت جي سلسلي بيان ڪرڻ کان پوءِ شاه شهيد جي اولاد جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

(٣) انيس المساڪين (قلمي) قاضي غلام مهدي ص ٢٢.

۾ مذهبي اڳواڻن سندن خلاف سازش سٽي. نتيجي ۾ جهوڪ واري جنگ لڳي.

ان وقت سندن ٢٤ هزار جان نثار مريد هئا. پنهنجن مريدن جو جوش ڏسي ڪين چيائون ته، "بابا محبوب حقيقي ناز ڪيو آهي، اسان نياز ڪنداسون." تڏهن خليفن عرض ڪيو ته قبلا ! اسان کي به اجازت ڏيو ته شهيد ٿيون." تنهن تي مير جان الله شاه کي حڪم ڪيائون ته توهان روهڙي وڃو. خواجه عبيدالله کي اجمير واپس وڃڻ جو ارشاد ٿيو. شاه عبداللطيف ٺٽوي کي ٺٽي وڃڻ جو حڪم مليو ۽ محمد اسماعيل کي به ٺٽي وڃڻ جو امر ٿيو. ڪن ٻين کي به اجازت ڏنائون ته پنهنجي پنهنجي شهر هليا وڃن. باقي ٢٤ هزار مريدن ۾ سليمان هندي به شامل هو، جيڪو هندوستان کان سائن گڏ آيو هو. انهن فقيرن مان ۴ هزار چار سؤ تاج (١) پهريل هئا.

جهوڪ واري جنگ ۾ اهي سڀ فقير شهيد ٿيا، جن کي ستن کوهن ۾ دفنايو ويو. انهن کوهن کي "گنج شهيدان" سڏيو ويندو آهي.

جهوڪ واري جنگ جو احوال پير حسام الدين شاه راشدي مير علي شير قانع جي ڪتابن جي حوالي سان تفصيل سان لکيو آهي. هتي اسان فقير قادر بخش بيدل (وفات ١٢٨٩هه) جو هڪ قصيدو ڏيئي رهيا آهيون، جنهن ۾ جهوڪ واري جنگ جو دردناڪ داستان ڏنل آهي. ان داستان کان اڳ ۾ بيدل جو هڪ تاريخي قطعو ڏنو وڃي ٿو، جنهن ۾ هن سانحي کي ڏينهن قيامت سڏيو ويو آهي: قطعو ملاحظه فرمايو:

تاريخهاي

عشق چند بن حمله بر عشاق اي سرها نمود

هر رخ صاحبدلان صدره در محنت کشود

---

(١) جيڪي فقير الله واري وات ۾ انتها تي پهچندا هئا، انهن کي تاج پهرايو ويندو هو.

اصفیا و اتقیا را آتش اندر جان فروخت

انبیا و اولیا را دست برد خود نمود

لیک بعد از رحلت ختم الرسل احمد سه بار

سطوت آن سلطان اعظم هوش عالم را ربود

اولین کبري قیامت قتل اولادِ رسولِ صه

سنه ۶۱هه

در سنہ شصت ویکم مثلش نیامد در وجود

دومین وسطي قیامت واقعه بس هولناک

سنہ ۳۰۹هه

در همہ سال و سرمد قتلِ شہ حلاج بود

سیو مین صغريِ قیامت در هزارو سي صد

سنہ ۱۱۳۵هه

سربریدن صوفي بیخود کمالش را فزود

باد باهر دُرد نوشي جام دردِ عاشقي

قسمت بیدل تجرعِ فیض زان پیمانہ بود

هينئن قصيدي ۾ شاه شهيد جي صفت ۽ ساراهہ بيان ڪرڻ کان پوءِ سندن سير سفر جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي. عقيدتمندن جو ميڙو ڏسي مُلن جو حسد ڪرڻ ۽ سندن ولايت جو واس هري هري تائين پکڙجي وڃڻ، تنهن ڪري بي شمار عقيدتمندن جو وٽن حاضر ٿيڻ- انهن سڀني ڳالهين سبب دشمنن سندن خلاف سازش سٽي، فرخ سير کي ڀڙڪايو. شاهہ شهيد پنهنجن خليفن کي فرمايو ته، "هيءَ محبوب حقيقي جو ناز آهي." فرخ سير کي فسادين جو بادشاهہ ۽ قاتل کي شمر سڏيو اٿس. جڏهن شاه کي شهيد ڪري سندن سر مبارڪ نيزي تي سوار ڪيو ويو ته بيدل ان کي "اسريٰ بعبده" آيت سان تعبير ڪيو آهي، جڻ عاشق محبت جي معراج کي رسيو.

قصیده تاریخ شهادت صاحبان کرمان شهیدان حضرت میران پور
بمع بعضی احوال آن جناب قدس الله روح

شهنشاهی قدر عرش آستانی
همای عشق قدسی آشیانی

ز قید جسم جسمانی مقدس
مجسم نور در عالم عیانی

وجود لاتعین بی تنزل
شهود ذات بحث و کاشانی

باسم الله معانی شد عنایت
برای اسم بی جسمی چو جانی

ظهور آورد و چون در خط کون
شده جویائی راه لامکانی

چو موسی بحر خضر وقت خود بست
کمر صدق ارادت برمیانی

سفر کرد و بملتان ماند یک سال
بهر مجذوب شیخ مستعانی

بارشادش بملک دهکن آمد
ببرهان پور رسیده جانفشانی

بشه عبدالملک گشته ملاقی
سراغی یافت زان سرلهانی

به تشریف ولایت گشته ممتاز
مرخص شد بر شدت طالبانی

بوقت رخصتش شمشیر داده
بفرمود اینک وقت امتحانی

بدین شمشیر خواهی رتبه یافت
که رشک آرند باتو عارفانی

بلطف و رحمت شاه شهیدان
شوي در زمره اش از خاصگاني
ولي باید که وقت آزمایش
نباشي از کرامت حرف خواني
نسازي یک سرموئي تصرّف
بیاد آري مصیبت سابقاني
وصیت شاه و بذرفت و بکوچید
بدهلي آمد آن سلطان جاني
شدند آنجا ز ساداتش مریدان
فیوضي یافتند از شهنشاهي
و ز انجا شد روان سوي خراسان
بعقبش فوج فوج سالکاني
و ز انجا رهگرا گر دید و آمد
بملک خود بغر و اصلاني
هلال آسا چوطي کرده منازل
بگشته بدر اس روشن رواني
بارشاد خلایق بسکه بکشاد
لب تلقین نظر فیض نهاني
علوي یافت غوغائي تصرف
خوارق عاداتش اندر جهاني
بسوي حضرت او میه و بدند
طلبگاران حق از هرمکاني
ز ملایان حسد سرزد چو دهدند
نبردش اژدهام از مردماني
بسحرش نسبتي دادند از بغض
چو هریکي از رمل را کافراني

بحاکم سنده عباسی نمودند
ز سطوت خسروانه او بیانی
بشور آمد والی از دست جودش
نگشته منحصرم این قسر شانی
نوشتند از هجوم خلق بسیار
سوی فرخ سیر شه جلالی
هراشفت از مکاتیب حسودان
بترسید از قضائی یکمالی
مبادا ملک او درویش گیرد
بیندیشید نادان سنت جانی
فرستاده مدد عباسیان را
که تا ریزند خون جان پهانی
چوشد افواج اعداد مستعد جنگ
بمشتاقان بگفت آنه دل ستانی
که ای یاران همه تادست بسته
بپا باشید در صف امتحانی
که این خود ناز محبوب حقیقی است
نوازش عین بهر عاشقانی
فقیران دست بسته در صف جنگ
بکلی منتظر آن اخترانی
کشاده دست فوج اهل طغیان
بقتل قوم از خود رستگانی
باندک مدت این خرقه ببر کرد
قبائی خاص قرب جاودانی
هزاران در عدد بودند لیکن
فکنده سر بپائی قاتلانی

۱۱

چو نوبت شاه والا جاه آمد

پانزده شخص باقی ماندگانی

بمسلخ عشق از زالو در آمد

نشسته راجی آن مژدگانی

رسیده قاتلی بیرحم چون شمر

بفرقش زد دوسه زخم گرانی

نگشته کارگر آن هرسه زخمش

بران پیر طریقت راز دانی

بگفتندش تواین تیغم بدست آز

که تا باشی بزوری کامرانی

به پیشش ده درست زر نهادند

که دست مزد تست ادانی

پس افتادند ساجد بیخودانه

سراپا محو نور بی نشانی

هری کو گوهر تاج قدم بود

جدا کرد آن سرسنگین دلانی

چو از امر شهادت شیخ پرداخت

کمر بسته بقتل دیگرانی

پس از نزع رو اهنا ذکر ذاتی

شده پیدا از پیر و پیروانی

پرهرو سوار نیزه کردند

شده ۱۶ اسری ۱۹معبده را بیانی

به تهته چون رسید آن سر مبارک

شنیده خلق زد نطق عیانی

بعقب سر مبارک میرو یدند

ز معتقدان گروه جانفشانی

همي رفتند راهي تا رسيدند
بدهلي پيش شاهِ مفسدالي

چون آن مغرور مال و جاه ديده
سر سرور شده بس شادمالي

دو كس برخاسته از مجلس او
كه بودند از گروه طالباني

دو سيد صاحب وجد و محبت
زد ندش تيغ هاي جانستاني

چو اختر دهلي آمد درهبوطي
شد آن سعدين را باحق قراني

سر سرور رساليدند درسنده
بصد عزو كرامت دوستالي

چو در ميران پور آمد راس اشرف
ابو شد ماتم اندر خاد مالي

سر پيوست با جسمِ مطهر
درون روضه رشك جناني

چو دل سال شهادت جست جان گفت
شهيد حق همو مرشد زمالي

سنه ۱۱۳۰هه

سر مبارڪ جون ڪرامتون:

شاه عنايت ڪي شهيد ڪري جڏهن سندن سر مبارڪ لنئي ڳئي آيا تڏهن انهي سر مبارڪ جو گشت ڪرايائون. لنئي جو هڪ فقير، جيڪو سدائين مات ۾ رهندو هو، تنهن سر مبارڪ ڏسي چيو ته:

پير پرپان جي ٻڙ ۾، ڪنهن چيئي ته ياه

هڪدم سر مبارڪ جواب ڏنو ته:

عمر يست ڪه قصه منصور ڪهن شد

جھوڪ واري جنگ کان اڳ مخدوم معين کين چورائي موڪليو هو ته:

جنگ شير نه داري، سفر عشق مکن

سر مبارڪ کي کھڻين ۾ گشت ڪرائيندا جڏهن مخدوم ٺاري (معين) جي گھر وٽان آيا ته اتفاق سان هو پنهنجي گھر جي در تي بيٺو هو. ان وقت سر مبارڪ هيٺيون شعر چيو (۱) جيڪو چڻ مخدوم ٺاري کي جواب هو ۽ پنهنجي مرشد عبدالملڪ جي فرمان جي تڪميل هو:

سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد،
اين بار گران بود ادا شد چه بجا شد،

شاهه شهيد جو اولاد:

کين ٽي فرزند هئا، جن جا نالا اڳ ۾ اچي چڪا آهن، وڏي فرزند شاهه خليل الله جو ڪي قدر احوال ڏنو ويو آهي. هتي سندن ٻي اولاد جو مختصر احوال ڏنو وڃي ٿو: شاهه عزت الله (۱) شاهه شهيد جو وچون فرزند هو. جھوڪ واري سالحي وقت ميران پور ۾ موجود نه هو. شاهه شهيد جي شهادت کان پوءِ پڙهو گھرايو ويو هو ته: جتي به ڪو صوفي ڏسو ته ان کي قتل ڪري سر ڪٽي اچو ۽ انعام حاصل ڪريو. هن سلسلي ۾ مير علي شير قانع لکيو آهي ته: ان کانپوءِ (شهادت کانپوءِ) نواب شهر ۾ پڙهو گھمارائي ڇڏيو هو ته ڪو به ماڻهو "يا الله" جو نعرو نه هڻي، جيڪو حڪم عدولي ڪندو، تنهن کي ترار جي ڌار تي رکيو ويندو. (۲)

---

(۱) اليس المساڪين (قلمي) قاضي غلام مهدي ص ۳۵

*مٿين شعر جو ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم هن ريت منظوم ترجمو ڪيو آهي:

سر يار جي قدمن تان فدا ٿيو ته بجا ٿيو،
هيءُ قرض محبت جو ادا ٿيو ته بجا ٿيو.

(۲) مير قانع سندس احوال فقط پن سٽن ۾ ڏنو آهي.

اهي ڳالهيون ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويون. جڏهن اجمير واري خليفي خواجه عبدالله عرف حامد کي ان ساڻحي جي خبر پئي ته ڏاڍو ڏک ٿيس. دهلي جو حاڪم سندس معتقد هو. هن ان وٽ وڃي پنهنجي مرشد جي لاءِ سفارش ڪئي. بادشاهه کي قائل ڪري صوفين جي سر وڍڻ وارو حڪم منسوخ ڪرايائين ۽ سند اچي شاهه عزت الله کي گاديءَ تي وهاريائين. شاهه عزت الله سن ١١٨٦هه ۾ وصال ڪيو.

شاهه سلام الله:

شاهه شهيد جو ٽيون فرزند هو. سندن ولادت سن ١١٣٠هه ۾ يعني شاهه عنايت جي شهادت واري سال ٿي. ان وقت سندن عمر مهينو سوا هئي. اليس المساڪين ۾ آيل آهي ته، ”جڏهن صوفي صاحب جي شهادت جو وقت ويجهو آيو تڏهن پاڻ اندر حويليءَ ۾ ويا ته ان وقت شاهه سلام الله پينگهي ۾ ستل هو. سندن پرسان ويهي پنهنجو تاج مبارڪ لاهي سندن سيراندي رکيائون ۽ پنهنجي گودڙي پڻ سندن پاسي ۾ رکيائون.

شاهه سلام الله جڏهن پندرهن سورهن ورهين جا ٿيا ته ڀٽ وڃي شاهه عبداللطيف ڀٽائي سان مليا. جنهن کين الله واري واٽ ڏسي. پوءِ اتان موٽي ميران پور آيا. جتان پنان ڪنهن کان موڪلائڻ جي سير سفر تي اڪتا. ڪجهه فقير به سندن پوئتان هلندا رهيا، تان جو رياست خيرپور ۾ ڏيرآوريءَ واري پٽ تي اچي ويهي رهيا، اها پٽ روهڙيءَ کان اٽڪل هڪ سو ڪلوميٽر اوپر طرف لاري جي ويجهو آهي. ١٢ ورهيه اتي رهي رياضتون ڪيائون، پوءِ هاڻوڪي تجل شريف واري هنڌ آيا.

جڏهن سندن وصال جو وقت ويجهو آيو، تڏهن پنهنجن مريدن کي چيائون ته، ”اسان کي هتي دفن ڪجو. اسان جا عزيز اسان جا لاش ميران پور کڻائي ويندا پر اسان جو روح هتي هوندو. يعني هڏ ميرانپور ۾ سڌ تجل ۾. سندن وصال ١١٨٣هه ۾ ٿيو. مريدن وصيت موجب کين اتي دفن ڪيو، پر ٿوري عرصي کان پوءِ سندن عزيز لاش کڻي

ميران پور ڪٺي ويا. مير سهراب خان ٽالپر واليءِ خيرپور سندن وهڻ واري هنڌ (ٽلهي) جي مٿان قبو ٺهرايو. ان ٽلهي تي صوفي صاحب جا ويس ۽ حال ڏاڪا رکيل هئا. هر سال تجل ۾ ٢٥ کان ٢٧ ذوالحج تائين ميلو لڳندو آهي، جتي هزارين عقيدت مند اچي حاضر ٿيندا آهن.

سندن وصال کان پوءِ سندن ڀاڻو محمد زاهد گاديءَ تي ويٺو. مير علي شير قانع لکيو آهي ته "هيءَ الهيءَ گهراڻي جو روشن ڏيئو آهي (١) محمد زاهد وڏي ڪمال جو صاحب هو. کيس ٽي فرزند هئا: ميان ابراهيم شاهه، شاهه فضل الله قلندر ۽ نور الله شاهه. سندن وصال ١٢١٦ھ ۾ ٿيو. کانئن پوءِ ميان ابراهيم شاهه مسند نشين ٿيو. ١٣ ورهيه گاديءَ تي رهي ١٢٢٩ھ ۾ وصال ڪري ويا.

هن خاندان ۾ شاهه فضل الله قلندر جيڪو شاهه عزت الله جو ڀاڻو ۽ محمد زاهد جو وچون فرزند هو، سو پنهنجي وقت جو وڏو ولي الله هو. ١٤ ورهين جي ڄمار ۾ نو مهينا پراڻي ميران پور ۾ وڃي رياضتون ڪيائون. اتان وري نندي غلام علي ويجهو شاهه ديوا جي مقام ۾ چوڪ پچايائون. بعد ۾ چاليهه ڏينهن دلوريءَ ۾ ويٺا اتان وري ڪبير ميال جي ڪرهه تي مراقبي ۾ ويهي رهيا. ڪيترائي سندن مريد ٿيا، جن ۾ مسلمان، مينگهواڙ، راجپوت شامل هئا. سندن ڪيترين ئي ڪرامتون مشهور آهن: فقير محمد صديق اهر وارو، قاضي عبدالله، پريو سومرو، موتيو حجام، يوسف شاهه، پوڄو مينگهواڙ،

---

(١) مير قانع تحفة الڪرام ۾ هن خاندان جو ذڪر هن عبارت تي ختم ڪيو ويو آهي: هن خاڪسار جو قلم هن خاندان جي بزرگيءَ جي وصفن جو بيان ڪري ڪا ڪندو. باوجود هزارين مرشد جي شهادت واري سانحي ۾ ڪم آيا ۽ هن خاندان جو ڪوبه فرد مشائخي کي پسند نه ٿو ڪري، تڏهن به سنڌ ۾ هزارين مريد ظاهر توڙي مخفي موجود آهن. پين ملڪن ۾ پڻ هن گهراڻي جي توسل جي برڪت سان وڏا وڏا مشائخ ڪماليت جا صاحب پنجي پيا آهن، ص ٤٢٩.

پائي خان، عالم خان، نظاماڻي ڪرم علي جلالاڻي، دلو فقير لاشاري گدواهه وارو، عطر فقير لاشاري گنداواهه واري ۽ اورنگ فقير جلالاڻي.

سندن وصال ۲۷ جمادي الثاني سنه ۱۲۴۳ھ ۾ ٿيو. سندن وصال جي قطعه تاريخ فقير قادر بخش بيدل هن ريت چئي آهي:

تاريخ وصال سرتاج صوفيان آگاهه

حضرت مولانا شاهه فضل الله قلندر قدس سره

چو حضرت شاهه فضل الله صوفي

قلندر وقت سلطان معالي

زهي مشهد تجليات بيچون

زهي مظهر فيوضات عيالي

زهي ساقي که درميخانه عشقش

هزاران مست از جام نهالي

نگاهش مهتدي را موصل ذات

ز فيضش منتهي در ڪامرالي

مڪمل و مرشد و سرتاج خاصان

برون زد خيمه زين معمار فالي

مدار السلطنت هاهوت جانش

نشسته برسرير جاودالي

بجستم سال معراجش دلم گفت

موحد عين منصور ثاني

سنه ۱۲۴۳ھ

سندن خليفا:

حضرت شاهه شهيد جا ۴۰ خليفا هئا، جن مان ۱۴ گهڻو مشهور آهن. سڀني ۾ وڏو مير جان الله شاهه رضوي هو. هتي انهن مان ڪن خليفن جو مختصر طور ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

١- مير جان محمد شاهه: وڏو عابد زاهد هو. بهترين خطاط هو. قرآن مجيد لکي ان جي اجوري مان گذر سفر ڪندو هو. سندن هزارين مريد هئا، جن مان ميان باقر علي شاهه ٻڪار وارو ۽ شاهه عبدالنبي ڪنڊا واهه وارو، غلام رسول ٻناڻ ۽ شاهه عبدالوهاب شاهه گهڻو مشهور آهن: فارسي زبان جو بلند پايه شاعر هو. سندن ديوان ١ ديوان مير ٢ ۽ سندن پوٽي جان الله شاهه عاشق جو ١ ديوان عاشق ٢ سندن پوين وٽ محفوظ آهن. ديوان مير تي محمد اسحاق ابڙي صاحب فارسي ادب ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي.

شاهه صاحب کي ٽي فرزند هئا: الهرکيو شاهه، مير قلندر علي شاهه ۽ مير منور علي شاهه. فقيري واري امانت مير قلندر علي شاهه کي ملي. شاهه صاحب ١١٦٧هه ۾ هيءَ مٽيءَ جو ملڪ ڇڏي وڃي مالڪِ حقيقيءَ سان مليو. فقير قادر بخش بيدل سندن وفات جي قطع تاريخ هن ريت چئي آهي:

تاريخ وصال صاحبان کريمان مير جان الله قدس سره

سيد سادات سلوک و صفا
خارق عادات عقول و هنا

گل زگلستان نبي و ولي
شمع شبستان شہِ کربلا

جان محمد رضوي بهکري
غوث زمان زبده آلِ عبا

قادري و صوفي مهدي و دهر
صاحب ارشاد کثير العطا

نصد هر بيت ز ديوانِ او
منزل سالک ره دين و هدا

خطهٔ ناسوت از و بهره ور
محفل ملکوت از و پرضيا

جوش جبروت ز اجلال اوست

بافته لاهوست ز دانش بقا

جرعه فيضش به تحير فزود

باده کش ساغر باهوت را

گشت چو پيراسته در ملک ذات

مسند هاهوت از ان بادشا

جان طلب از سال عروجش نمود

مرشد وقت و قطب آمد ندا

۱۱۶۷ھ

٢- شاه عبداللطيف ٺٽوي:

هيءُ پنهنجي وقت جو وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. شاه اسماعيل صوفي ۽ علامه محمد معين ٺٽوي جو گهرو دوست هو. موسيقي جو ماهر هو. فارسي زبان جو سٺو شاعر هو. "مشهوري ڪان پڇنڊڙ ۽ وڏين ڪرامتن جو مالڪ هو." (١) شاه سلام الله ٺٽوي ڪي هن فقير فيض پهچايو هو. (٢)

٣- شاه عبدالڪريم ٺٽوي:

هن خليفي شاه شهيد جو روضو مبارڪ جوڙايو. روضي جو ڪم گهڻو ڪري رات جو هلندو هو. اهل بيت ۾ عقيدت مان چولي جون تغاريون ڍوئيندا هئا. اهي سيد ٺٽي ۾ صوفي سيد سڏبا آهن. (٣)

٤- محمد اسحاق:

هيءُ فقير نصرپور جو وينل هو. روحل فقير ڪنڊڙيءَ وارو سندن اولاد مان آهي. (٤)

---

(١) تذڪره مشاهير سنڌ جلد ٽيون. مولانا وفائي، ص ٨٣ سنڌي ادبي بورڊ، سنه ١٩٨٠ع.

(٢) انيس المساڪين قاضي غلام مهدي (قامي) ص ٦٥.

(٣) (٤) ايضاً ص ٦٦.

٥- محمد صديق پيڙن وارو:

هيءُ ذات جو لاڪو هو ۽ هالا تعلقي جو وينل هو. مهڙي جي شروعات هن خليفي جي رتُ سانُ لي. هوءِ هر سال ميلو لڳندو رهيو، جيڪو اڃا تائين لڳندو اچي.

٦- خواجه عبدالله عرف حامدي:

هيءُ اجمير وارن بزرگن مان هو. هن خليفي دهلي جي حڪمرانن کان پروانو وٺي صوفين جي مارڻ ۽ ’يا الله‘ چوڻ واريون پابنديون ۽ ٻيون قانون منسوخ ڪرايا. سندس اچي شاه عزت الله شاه کي گادي تي وهاريو.(١)

٧- سليمان هندي:

هيءُ خليفو پنج سؤ هندي فقيرن سان حضرت صوفي صاحب سان گڏ هند کان سنڌ آيو هو، ۽ سليمان هندي سڏبو هو. وڏو بهادر انسان هو. رياضتون ڪري وڏي مقام تي پهتو. ١١٣٠هه ۾ پنهنجي مرشد سان گڏ شهيد ٿيو.

٨- ابن ابراهم وارو:

هيءُ ذات جو سمون هو. وڏيون رياضتون ڪيائين. اڪثر ٻڪريءَ جي تازي کل ولي بدن تي پائي ڇڏيندو هو. اڄ ڏينهن اها کل چڙهي پئي هولدي هيس.

٩- شاهه اسماعيل ٿلوي:

سندن اصل نالو اسد الله هو. حضرت صوفي صاحب جو پيارو خليفو هو. صوفي صاحب کي پنهنجي پيرُ جو سنگ ڏنو هئائين. مقالات الشعراء ۽ تحفة الڪرام ۾ سندس احوال آيل آهي. مولانا

---

(١) انيس المساڪين قاضي غلام مهدي، (قلمي) ص ٦٨.

وفاتي تذڪره مشاهير سنڌ ۾ لکيو آهي ته: شاه اسماعيل وقت جو هڪ وڏو بزرگ، ڪرامتن ۽ وڏي ڪمالات جو مالڪ هو... شاه عنايت الله صوفي جهوڪ واري سان دوستي ۽ اخلاص جا گهاٽا تعلقات هوس.

قطعه تاریخ شهادت صاحبان کربلا شهیدان حضرت میران پور
به بعضی احوال آن جناب قدس [illegible]

شهنشاهی قدم در کشور آستانی [illegible] | [illegible] شیبانی
ز قید جسم [illegible] | [illegible] در عالم جاودانی
وجود لاتعین [illegible] | [illegible]
باسم [illegible] معانی [illegible] | [illegible] اسم [illegible]
ظهور آورد [illegible] | شده [illegible] راه [illegible]
[illegible] | [illegible] ارادت [illegible]
[illegible] | [illegible] مستانی
بارشاد [illegible] | [illegible]
[illegible] | [illegible]

به [illegible] چون رسید آن [illegible] مبارک | شنیده خلق [illegible]
[illegible] مبارک [illegible] | [illegible]
همی رفتند [illegible] | [illegible]
چو نازن [illegible] | [illegible]
دو کس [illegible] | که بردند [illegible] طالبانی
دو [illegible] صاحب وجد و محبت | زدند [illegible]
چو [illegible] آمد [illegible] | [illegible]
[illegible] | [illegible] دوستانی
چو [illegible] | [illegible]
[illegible] | [illegible]

چو دل سال شهادت [illegible]
[illegible] شده زمانی

سنه ۱۱۳۳

فقير محمد محسن "بيڪس" جي هٿ اکرين لکيل بيدل جي قصيدي جو پهريون ۽ آخري صفحو.

مير جان الله شاھ رضوي

مير جان الله شاھ، صوفي عنايت شاھ جي وڏن خليفن ۾ اهم حيثيت رکندڙ ۽ خليفو اول هو. شاھ شهيد جي سيني تذڪره نگارن شاھ شهيد جي خليفن جو احوال لکندي سڀني کان پهرين مير جان الله شاھ جو ذڪر ڪيو آهي.

مير جان الله شاھ، هن سلسلي جو وڏو ۾ وڏو شاعر ۽ هڪ اهڙو صوفي هو، جنهن جي شاعريءَ ۾ صوفي شاھ عنايت جوئي فڪر رچيل هو. صوفي شاھ عنايت جي هن قابل جوهر کي سنواري نکاريو ۽ پنهنجي خلافت سان سرفراز ڪيو(١)مٿس شاھ شهيد جي زندگيءَ جو گهرو اثر هو.

مير جان الله شاھ رضوي فارسيءَ جو تمام وڏو ۽ بلند پائي جو شاعر هو. سندس شاعريءَ جو نسخو "ديوان مير" گهڻو مشهور آهي. محترم نظير حسنين زيدي صاحب ديوان مير جو نسخو سيد عبدالحسين شاه موسوي صاحب (وفات ١٣٨٧ھ) وٽ ڏٺو هو. انهيءَ نسخي متعلق زيدي صاحب لکي ٿو تہ: "انهيءَ ۾ غزلن جو ١٨١ ۽ شعرن جو ١٥٨٠ تعداد آهي." (٢) پر "ديوان مير" جو نسخو اسان جيڪو ڊاڪٽر محمد اسحاق ابڙي صاحب وٽ ڏٺو، انهيءَ ۾ وڌيڪ شاعري آهي.

مير جان الله شاھ رضوي جي شاعريءَ تي پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسحاق ابڙي صاحب تمام سٺي تحقيق ڪري انهيءَ کي بهترين نموني سان ترتيب ڏيئي "Aditing and Exegesis of Diwan Seyyid Janullah Ridwi of Lohri (Rohri)" (3) جي عنوان سان ٿيسز لکي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي.

مير جان الله شاھ جي شاعريءَ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس شاعريءَ ۾ تصوف جي وڏي اپٽار ٿيل آهي. تصوف جي باريڪ نڪتن

سان ڀرپور سندس ڪلام گھڻو موهيندڙ ۽ متاثر ڪندو آهي. سندس شاعريءَ ۾ نہ رڳو نزاڪت آهي پر سندس شعر جي سِٽ سِٽ ۾ محبت ۽ درد ڇلڪندو نظر اچي ٿو. جيڪڏهن شاهہ شهيد جو صوفياڻو فڪر ڏسڻو آهي تہ اهو مير جان الله شاهہ جي شاعريءَ ۾ ئي سُٺي نموني سان ڏسي ۽ سمجهي سگھجي ٿو.† مير جان الله شاهہ جي شاعري سندس مرشد جي فڪر جو هڪڙو آئينو آهي، تنهن ڪري تصوف جو عنصر شاعريءَ جو بنياد اٿس. سندس شاعريءَ تي حافظ جو اثر بہ آهي. جهڙي طرح حافظ عشق جو سڏ ڏنو آهي، جيئن محبت جي عام دعوت ڏني آهي. انهيءَ طرح مير جان الله شاهہ بہ صوفيانہ شاعريءَ واري عام محبت جو درس ڏنو آهي. سادگي جو سبق سيکاريو آهي پر ڪٿي ڪٿي "انا الحق" جو آواز ۽ سرمد واري سرمستي آهي. مٿس تصوف جو ايترو تہ گھرو اثر آهي، جو پنهنجي مرشد جي حڪم ميڻ ڪي گھڻو متاهون سمجهي ٿو. وٽس منصورحلاج کان وٺي شاهہ شهيد تائين فڪري تسلسل ۽ انا الحق جو آواز بلند ڪري، سچ جي سوريءَ جي سچ سجائڻ جو بيان آهي. هن جي شاعريءَ ۾ وحدت الوجود جي وائي گھڻي آهي. مشهور اسڪالرڊاڪٽر اينميري شمل لکي ٿي تہ:

Mir Janullah Rizvi Claims to have reached a statian where the fire which hes metted the bottle of Mansoor gives waves from othr nightly goblet" (4)

سندس شاعريءَ ۾ گھڻن هنڌن تي حافظ کان صائب جو تذڪرو بہ ملي ٿو. مير جان الله شاهہ جي شاعريءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس مطالعو ۽ مشاهدو تمام گھڻو وسيع هو. سندس ڪلام، اظهار بيان جو هڪ نادر نمونو ۽ انداز بيان جو بہ نرالو نمونو آهي، جيڪو مؤثر ۽ وڻندڙ آهي.

مير جان الله شاهہ جي ڪلام ۾ خواهش لاءِ دربدر ٿيڻ بجاءِ قناعت ۽ ڪُنڊائتو ٿي رهڻ جي صلاح ڏنل آهي. سندس غزلن ۾ جتي ڪٿي سندس مسلڪ ۽ عقيدن جي جهلڪ نظر اچي ٿي. عارفانہ حقيقت

جي لاءِ محبت الاهي ۾ رهڻ جو سبق ڏنل آهي جنهن عبادت مان انسان
کي روحاني سڪون-نٿو ملي، تنهن کي هي فضول سمجهي ٿو. سندس
ڪلام ۾ جتي ڪٿي تصوف جا راز ۽ حقيقتون بيان ٿيل آهن. هي
زندگيءَ کي سادي سودي اخلاق، پيار، محبت، امن، اعليٰ ڳڻن،
مساوات ۽ قناعت سان گذارڻ کي سڀ کان وڌيڪ بهتر سمجهي ٿو.
هر وقت نفس جي اصلاح جو مشورو ڏئي ٿو. مطلب ته سندس شاعري
فني ۽ فڪري لحاظ سان اعليٰ ڳڻن سان ڀريل آهي. اهم ڳالهه هيءَ آهي
ته هن جي ڪلام ۾ عظيم سنڌي تصوف جي روايت ۽ تاريخ آهي.
سنڌي تصوف جي بلنديءَ جو ڇيهه آهي ۽ صوفي شاعريءَ جو معراج
آهي. محترم ڊاڪٽر سدارنگاڻي 'Persian poets of sindh' " ۾
لکي ٿو ته: "Mir, was greatly respected for his profound scholarship and his simple and pious life (4)" سندس ڪلام توڙي جو سڀ فارسيءَ ۾ آهي پر تنهن
هوندي به هتي ڏيڻ اسان انهيءَ ڪري ضروري سمجهون ٿا، جو هيءُ نه
فقط شاهه شهيد جو وڏو خليفو هو پر هن جي شاعريءَ مان ئي وڌيڪ
بهتر نموني سان شاهه شهيد جي فڪر جي به پروڙ پئجي سگهي ٿي،
ڇاڪاڻ ته سندس شاعري سندس مرشد جي فڪر جو هڪ چٽو آئينو
آهي ۽ پڻ مير جان الله شاهه،شاهه شهيد جي شهادت واري المناڪ واقعي
تي جيڪو هڪ درد ڀريو نوحو چيو آهي، سو هن سلسلي ۾ تمام
گهڻي اهميت رکي ٿو. هتي انهيءَ قصيدي "حجة الله" جا شعر ۽ سندس
ٻيو به ڪجهه ڪلام نموني طور پيش ڪجي ٿو:

"قصیده فی مدح الشیخ علیہ الرحمۃ"

ای نفس شوم شتاب بس کن زکد خدائی ٭ یا بندگان نمانی لافت ہمہ خدائی
واکرده در تکلم شیخانہ دفتر مگو ٭ زندانِ بی تکلف دانند بی ریائی
چون سگ بہ لقمہ لابہ بہر فریب عامان ٭ خاصان خورده پنہان دانند این دغائی

قول تو زور مطلق فعل تو نیست برحق ٭ ہر شب بہ مکر شیخی ہر روز خودستائی
باشد زحق کنارت شیطان رفیق و یارت ٭ یک لحظہ دیده واکن بین آخر این اعمائی
دعوئی دانشت ہیچ دیدیم آزمودیم ٭ با دوست چین درابرو دشمن سلام پائی

بہر حیات [illegible] نما در بر لباس فقرا ٭ آه این چہ گنده بازی آه این چہ بی حیائی
از دل [illegible] ہوس ببرز [illegible] درین خرقہ کو نباشد ٭ میلت بکفش زرین آه این برہنہ پائی
ازحق تمام غفلت محکوم [illegible] دنیا ٭ درخلق کرده ظاہر دعوئی اولیائی

از راست گر نرنجی گویم صریح بشنو ٭ درکفر پیش دستی در دین گریز پائی
ازحق حیات ناید وز خلق نیست شرمت ٭ ای خودپرست ناداں تاکی چنین برائی
ہرگز نکرده باشم یک دعوت مسلم ٭ گر راست باز گردی دانم کہ پر دغائی

از دستِ چون تو ظالم نالم بحضرت دوست ٭ آن مقتدائی جانہا مہدی با بتدائی
آن مظہر العجائب و آن منبع الغرائب ٭ و آن دافع النوایب و آن نور کبریائی
با مصطفیٰ است یکتن با مرتضیٰ ست یکدل ٭ با اولیاست یکجان و آن سرِّ انبیائی

آن نور ذو الجلالست وآن ذات باکمالست ∴ وآن دافع ضلالست وآن حجت خدائی
آن وارث نبوت آن حادث ولایت ∴ در دست خادمانش اثر درکند عصائی
آن عارفِ محقق وآن کاشف مدقق ∴ نامش عنایت اللّٰہ وآن نور مصطفائی

المطلع الثانی

ای بر قدِ تو زیبا تشریف کبریائی ∴ وای از تو شد ہویدا در بندگی خدائی
حقا کہ نور پاکی دور از غبار خاکی ∴ دادند ہر دو عالم بر عصمتت گواہی
نازد بتو امامت بالا بتو شجاعت ∴ در محفل سخایت حاتم کند گدائی

ای فقر بر تو زیبا وای زہد بر تو شیدا ∴ عشق از تو شد ہویدا ای جان پارسائی
در سابقان و لاحق با تو کسی نہ سنجم ∴ ای نور دیدگانم دُرِّ گران بہائی
مطلوب طالبانی معروف عارفانی ∴ معشوق جانستانی محبوب دلربائی

وضع قلندرانت گو بردہ از مشایخ ∴ شد بر سرت مسلم آئین مقتدائی
در عہدِ تو ولایت بر اوج عزت آمد ∴ چون ختم بر محمدؐ شد کار انبیائی
طلاب حق ز ہر سو در حضرتت دویدند ∴ از خاندانِ دیگر برخاست پیشوائی
ای قطبِ وقت دایم دورِ تو گشت قایم ∴ بر راہ استقامت مہدی خدانمائی

شیخانِ کبر کیشان اندر حسد فتادند ∴ دادند در خلایق انکار را روائی
ز اقوالِ کافرانہ کان در حق رسل بود ∴ آن بولہب مزاجان کردند تراژخائی

خاصان حق شناسان در پات سجده کردند .:. عامان برنگ غولان در جوش هوی و هائی
وآن شد به پیش ساقی در محفل سقاهم .:. وین مانده در توهم اوئی توئی و مائی

فرخ سیر مخبط وآن شاه جاهلیت .:. برگشته بی تحقق برقول ادعائی
ترسید زینکه گیرد ملکش فقیر تارک .:. یارب نعوذ باالله زین عقل روسیائی

برخاست تا نشاند شمع وجود حق را .:. غافل ز سر بریدن افزون کند ضیائی
آن مرشد یگانه وآن عارف زمانه .:. رخت از جهان برون زد در عالم خدائی
آن گرد باد خذلان وین چشمه سار عرفان .:. وآن معدن ضلالت وین نور ابتدائی

آن دست مزد شیطان وین ذات محض رحمن .:. آن ظلمت شیاطین وین نور مصطفائی
وان دفتر جهالت وین محضر شریعت .:. آن عامل یوسوس وین جامع خدائی
آن خاکسار نکبت وین لاله زار رحمت .:. آن بقعهٔ کدورت وین روضهٔ صفائی

ای حسن تو دلنواز هر مجنونی .:. ای زلف تو پائی بند هر مفتونی
مجنون کشد از خیال لیلی دل را .:. گر جلوه کنی تو ناگه از هامونی

در دیدهٔ دل تمام حسن تو عیانست .:. از قطره برون چکیده شد جیحونی
هر غنچه برگ صد گلستان دارد .:. در حضرت تو کجا رسد هر دونی

ای حسن تو از فروغ وجه باقی .:. بر لوث تو همی زده صابونی

چون میسر عیان نمود ذاتش راعیان
بشگفت هـزار چونی از همچونی

ولهٔ

دوست بامن یار بودی کاشکی ∴ حسرتِ اغیار بودی کاشکی
دل زخورشید جمال دلبران ∴ مطلع انوار بودی کاشکی

دامن لبریز گلهای وصال ∴ سینهٔ افگار بودی کاشکی
خانه پرداز خیال هستیم ∴ شعلهٔ دیدار بودی کاشکی

از شهودِ او دل روشن مرا ∴ طرّهٔ دستار بودی کاشکی
چون قرارم نیست بی مئ مسکنم ∴ خانهٔ خمار بودی کاشکی

درگلستان بلبلم را آشیان ∴ رخنهٔ دیوار بودی کاشکی
رہنمائی گلشن دیدار من ∴ جذبهٔ دلدار بودی کاشکی

منتشر در هر طرف حلاج وار ∴ پنبهٔ پندار بودی کاشکی
رشتهٔ شیرازهٔ جمعیتم ∴ حیرت سرشار بودی کاشکی

روز و شب چون قمریان مدنظر ∴ سرو خوش رفتار بودی کاشکی
دل ز وجدان دهان او مرا ∴ مخزن اسرار بودی کاشکی

میسر شمع خلوتم شبهای تار
دیدهٔ بیدار بودی کاشکی.

وله

ای عشق تو دانی پس آئین جهان بانی .:. چو لیلیٔ شهری هم مجنون بیابانی
هم خاکی و هم روحی هم آدم و هم نوحی .:. هم شارح مشروحی هم قاری و قرآنی

هم کوه تو صحرا تو هم سر تو و سودا تو .:. هم ماهی و دریا تو هم کشتی و طوفانی
هم حل تو مشکل تو هم ره تو و منزل تو .:. هم تن تو هم دل تو هم جانی و جانانی

هم پنبه و هم داغی هم بلبل و هم زاغی .:. هم سبزهٔ و هم باغی هم مرغ خوش الحانی
هم دلبر عذرائی هم وامق شیدائی .:. یعقوب و زلیخائی هم یوسف کنعانی

اسرار ترا هرگز غیر از تو نداند کس .:. پنهانی و پیدائی پیدائی و پنهانی
آزاد کنی بنده و زمرگ کنی زنده .:. دانا تو و من کردم اقرار بنادانی

کوئی عشق آمد و شد ما برنتابد بیش ازین .:. کعبهٔ جان رحمت پا برنتابد بیش ازین
با همه صد جوش وحشت رود دریا میکند .:. سیل اشکم کوه و صحرا برنتابد بیش ازین

عمر من در هر ره گردی شد بسر چون گردباد .:. خاطرم تشویش سودا برنتابد بیش ازین
جز نماز و روزه از اعمال ایمان برنداشت .:. اهل دنیا فکر عقبیٰ برنتابد بیش ازین

جذبهٔ کو تا ز بند خویشتن بیرون کشید .:. جوش حیرت دیدهٔ ما برنتابد بیش ازین
از هوائی زندگانی دل بجان برداشتم .:. درد من یار مداوا برنتابد بیش ازین

سربرسوائی برآورده بچاکِ پیرهن ∴ تقوئی یوسف زلیخا برنتابد بیش ازین
از نگاهی گرم عاشق رنگ رویش بشکند ∴ چهره اش تاب تماشا برنتابد بیش ازین

کشتیٔ من چون حباب از موج برهم میخورد ∴ سیلیٔ آشوب دریا برنتابد بیش ازین
وحشت از تن میکند جانم به سیرِ لامکان ∴ نورِ مطلق بند برپا برنتابد بیش ازین

ساعتی بر حسبِ وقت ای میسّر خاموشی گزین
فکرِ انشا خاطرِ ما برنتابد بیش ازین

وَلَہ

انتقائی خویش باشد اقتضائی عاشقان ∴ جز شهودِ دوست نبود مقتضائی عاشقان
قطعِ الفت کرده باکونین چون بیگانه اند ∴ جز جمالِ یار نبود آشنائی عاشقان

آسمانها زیر پایش سبزه خوابیده است ∴ در فضای عرش نازد بادپائی عاشقان
از فنای خویشتن محبوب در بر میکنند ∴ جز وصالِ دوست نبود خونبهائی عاشقان

اعتبارِ این و آن چون جمله برهم کرده اند ∴ جلوه گاهِ غیر نبود در سرای عاشقان
بر خیالاتِ دو عالم نیست شانرا التفات ∴ بر مرادِ دوست کرده آسیائی عاشقان

همچو پروانه بروی شمع از خود رفته اند ∴ عارضِ گلفام معشوقست جائی عاشقان
در شبِ تاریکیٔ وهم و خیالات خودی ∴ نورِ روئی دوست باشد رهنمائی عاشقان

گر برنگ دائره بی پا و سر در عالم اند ∴ نقطهٔ توحید باشد متکائی عاشقان
اینکه شد خورشید عالم را منور کرده است ∴ گل بسر زد آسمان نقش پائی عاشقان

از نمایشهائی وهمی در عدم آسوده اند .:. جلوهٔ معشوق باشد در قبای عاشقان
جذبهٔ معشوق از هستی برون آوردشان .:. با اجابت شد قرین آخر دعای عاشقان
وازهٔ ریگ روان را کس نمیداند شمرد
میسر هرگز در قلم ناید ثنای عاشقان

وَلَهٗ

حجاب تن زجان برکن اناالحق زن اناالحق زن .:. برافشان گرد از دامن اناالحق زن اناالحق زن
بجنگ نفس سرگردان برآ باهمت مردان .:. بپوش از قرب حق جوشن اناالحق زن اناالحق زن

برآ زین شرک بیگانه بکوی دوست دیوانه .:. مسلمان شو بجان و تن اناالحق زن اناالحق زن
چو موسیٰ گر خدا خواهی ز درد عشق آگاهی .:. در آ در وادی ایمن اناالحق زن اناالحق زن

تو آن محبوب موجودی تو آن مطلوب مقصودی .:. برون آ در سر از روزن اناالحق زن اناالحق زن
چو عیسیٰ سر بگردون کن قدم از خاک بیرون کن .:. مرو چون رشته در سوزن اناالحق زن اناالحق زن

تو خورشید دل افروزی ز دوری تا بکی سوزی .:. همه تاریک کن روشن اناالحق زن اناالحق زن
حجابت جمله برخیزد بجانت دلبر آمیزد .:. میان خانه و برزن اناالحق زن اناالحق زن

تو آن معبود افلاکی تو آن مسجود املاکی .:. ببین خود را مشو کودن اناالحق زن اناالحق زن
میؔ اسرار گر خواهی وصال یار گر خواهی .:. دو عالم را بهم برزن اناالحق زن اناالحق زن

برآ بر تخت ربانی در آ در بزم سبحانی .:. بکش ساغر نشین بیرون اناالحق زن اناالحق زن
توئی عاشق که معشوقی توئی خالق که مخلوقی .:. ز مغز این پوست را برکن اناالحق زن اناالحق زن

مکش خورشید را در گِل مساز آسان بخود مشکل .:. بگوش دل شنو از من انا الحق زن انا الحق زن
اگر در عشق جانبازی چو منصور سرافرازی .:. انا الحق زن انا الحق زن انا الحق زن انا الحق زن

بیان کن شکر نعمت را بنوش این جام وحدت را .:. چو محرومان مکن شیون انا الحق زن انا الحق زن
گمان و وہم برہم زن یقین را کن بدل روشن
توئی میر آبِ این گلشن انا الحق زن انا الحق زن

مخمس بر غزل خواجه حافظ

ای غبار رنهٔ فلک گردی ز جولان شما .:. مهر سرگردان چو گو از دست چوگان شما
دیدهٔ قدسی نثار ادان فرش میدان شما .:. ای فروغ ماه حسن از روی رخشان شما
آبروی خوبی از چاه زنخدان شما
از غم عشقت دل بیتاب در تب آمده .:. گه بناله میگراید گه بیارب آمده
در میان نیست و هست خود مذبذب آمده .:. عزم دیدار تو دارد جان برلب آمده
باز گردد یا بر آید چیست فرمان شما

عاشقان آنکه در فکر تو سرگردان شود .:. بر جمال جانفزایت واله و حیران شوند
از خیال غیر تا کی سخرهٔ دیوان شوند .:. کی دهد دست اینغرض یارب که همدستان شوند
خاطر مجموع ما زلف پریشان شما
نیست از خاک شهیدانت گذشتن سرسری .:. سبزهٔ انگشت اشارت میکند گر بنگری
تا نیاید بر سر ما ذلت تهمتگری .:. دور دار از خاک و خون دامن چو بر ما بگذری
کاندرین ره گشته بسیار ند قربان شما

غم هجوم آورد بر دل یار را آگه کنید .:. دشمن آمد بر سرم جاندار را آگه کنید
مانده ام پس کاروان سالار را آگه کنید .:. دل خرابی میکند دلدار را آگه کنید
زینهار ای دوستان جان من و جان شما

در محبت کی دل خورم نشست از عافیت .:. دست خالی میرود هشیار دست از عافیت
عالمی نشسته است در عهد تو دست از عافیت .:. کس بدور نرگست طرفی نه بست از عافیت
به که بفروشند مستوری به مستان شما

ساغر امید ما سرشار خواهد شد مگر .:. سینهٔ ما محشر انوار خواهد شد مگر
از تماشائی تو دل گلنزار خواهد شد مگر .:. بخت خواب آلوده ما بیدار خواهد شد مگر
زانکه زد بر دیده آبی روی رخشان شما

نیست جز ذات شریفت ای زخود وارستهٔ .:. در کتاب آفرینش معنی برجستهٔ
از مروت نیست نسیان کردن از دل خستهٔ .:. با صبا همراه بفرست از رخت گلدستهٔ
بو که بوی بشنوم از خاک بستان شما

عام با خاصان نیاید در مقام گفتگو .:. با محقق کی تواند شد مقلد روبرو
دامن دل از غبار کینه برداران بشو .:. ای صبا با ساکنان شهر یزد از ما بگو
کای سر ناحق شناسان گوی میدان شما

از جمالت خاطر ما هیچگه مهجور نیست .:. دل بدل چون متصل شد بعد تن منظور نیست
در محبت امتیاز دوستان دستور نیست .:. گرچه دوریم از بساط قرب همت دور نیست
بندهٔ شاه شمائیم و ثنا خوان شما

در تعلق مانده ام ای جذبه گیرا همتی .:. در خلا بی رفت یابم دست بالا همتی
ضعف پیری بر زمین زد عشق برنا همتی .:. ای شهنشاه بلند اختر خدارا همتی
تا ببوسم همچو گردون خاک ایوان شما

شکوهٔ بیداد خوبان از تظلم نیست کم .:. حاش لله کی توانیم ارتکاب این ستم
میکنم اندر طلب جهدی بدیوان کرم .:. عمرتان باد امراد ساقیان بزم جم
گرچه جام ما نه شد پرمی بدوران شما

زینهار ای میر دیگر راه خاموشی مپو .:. عرض کن مافی الضمیر عاشقان در پیش او
کاستجابت پرتو موقوفست ای خورشید رو .:. میکند حافظ دعائی بشنو و آمین بگو
روزئ ما باد لعل شکر افشان شما

ایضاً مخمس بر غزل خواجه حافظ

کردند دار سلطنت دل بنام ما .:. جنت بسر دود پی طواف مقام ما
بوئی وصال کرده معطر مشام ما .:. ساقی بنور باده برافروز جام ما
مطرب بگو که کار جهان شد بکام ما
ما از شراب جلوهٔ دلدار دیده ایم .:. مستی بهار آن گل بنجار دیده ایم
در موج مئ تلالؤ انوار دیده ایم .:. ما در پیاله عکس رخ یار دیده ایم
ای بی خبر ز لذت شرب مدام ما

زنهار در مجاز حقیقت نهان بدان .:. بگسل بپاس خاطر نیک از همه بدان
مجنون نه بهرزه مدد درپی دوان .:. چندان بود کرشمه و ناز سهی قدان
کاید به جلوهٔ سرو صنوبر خرام ما
خوش نغمه مطربیست که گوینده شد بعشق .:. ز انفاس عیسوی که سراینده شد بعشق
در عرصهٔ شهود نماینده شد بعشق .:. هرگز نمیرد آنکه دلش زنده شد بعشق
ثبت است بر جریدهٔ عالم دوام ما

رندی کنیم و حب ریاست نه کارماست ... تدویر کار زهد فروشان نکرده است
مستی به کیش باده پرستان به از ریاست ... ترسم که صرفه ئی نبرد روز بازخواست
نان حلال شیخ ز آب حرام ما

ای پیک گر بآن گل سیراب برخوری ... از عرض اشتیاق اسیران شوبری
مکتوب باشکسته دلان گرنمی بری ... ای بادگر به گلشن احباب بگذری
زنهار عرضه ده بر جانان پیام ما

دست نوازش ز سر ما چه میبری ... بیمار را به مرگ مداوا چه میبری
جوش نشاط از دل شیدا چه میبری ... گو نام ما زیاد بعمدا چه میبری
خود آید آنکه یاد نیاری زنام ما

حیرت نصیب خاطر خورسند ما خوشست ... با دوست بی گسستن پیوند ما خوشست
اطوار یار جلوه ده پند ما خوشست ... مستی به چشم شاهد دلبند ما خوشست
زان روسپرده ایم به مستی زنام ما

حوالا ۽ حاشيا

(١) مير جان الله شاھ رضويءَ جو احوال شاھ شهيد جي خليفن جي باب ۾ اسين ڪري چڪا آهيون.

(٢) زيدي، نظير حسنين سيد "شخصيات و مباحث" مڪتبه مسعود ڪراچي ١٩٨٣ع ص١٠٧

(3) Abro, Mohammad Ishaque Prof: "Editing and Exegesis of Diwan Sayyid Janullah Ridwi of Lohri" (Rohri) Thesis for Ph. D. Submitted at University of sindh

(4) Annemarie Schimmel, Prof "Pearls from the Indus" Sindhi Adabi Board Jamshoro 1986 P:109, 110

(5) H. I Sadarangani, Dr "Persian Poets of sindh" Sindhi Adabi Board Jamshoro, Second Edition 1987

جان الله شاھ ”عاشق“

جان الله شاھ ”عاشق“، مير قلندر عليءَ جو پٽ ۽ مير جان الله شاھ اول جو پوٽو ھو. پنھنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ سجاده نشين ٿيو. علم جي تمام وڏي درجي تي رسيل ھو.

محترم ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب لکي ٿو تہ: ”ھي فارسيءَ جو صاحب ديوان شاعر ٿي گذريو آھي. وڏو فياض ھو. جيکو بہ وٽس آيو، سو روحاني توڙي دنيوي فيض سان مستفيض ٿي ويو.“ (١) ١٩ صديءَ جي وچ ڌاري وفات ڪيائين سندس مزار روھڙيءَ ۾ آھي.

جان الله شاھ ثاني فارسي ۽ سنڌيءَ جو سٺو صوفي شاعر ھو. سندس تخلص ”عاشق“ ھو. جان الله شاھ ”عاشق“ جي ڪلام ۾ عشق ۽ تصوف جي تنوار ۽ وحدت جون وايون تمام گھڻيون آھن ۽ ھن جي شاعري پختگيءَ جي لحاظ سان بہ مٿاھين درجي جي شاعري آھي. سندس ڪجھہ ڪلام نموني طور پيش ڪجي ٿو:

ڪافيون

ڪير ويھي ٿو ڪير بيھي ٿو، ڪيھو سندس اھڃاڻ
صورت ۾ ٿي سندس اتارو ڏس پروڙي پاڻ
فاسجدوا آدم فن فائق جو صحيون اي سڄاڻ
الانسان سري وانا سره، ايھو پرينءَ جو پرياڻ
ونحن اقرب، ناطق نڪتو، چاڻ ايھوتون چاڻ
ڳوليندڙ جو تون ٿو ڳولين سو ئي تو ئي ساڻ
”عاشق“ ري توحيدالله، ٻيو سيئي ٻُھہ پاڻ.



وحدت ڪثرت، ڪثرت وحدت
ايھو اصول اصل جو نشان
ڪثرت وحدت جي ٿي مظھر، ماڳ سندس لامڪان
خلق الادم، علي صورتہ، فائق جو فرمان

مير جان الله شاهہ ثالث

مير جان الله شاهہ ثالث، شاهہ شهيد جي وڏي خليفي مير مير جان الله شاهہ مير جو پڙپوٽو ۽ علي اڪبر شاهہ اول جو فرزند هو. سندس تعليم ۽ تربيت پنهنجي والدين وٽ تمام سٺي نموني سان ٿي. سنڌي، سرائڪي، هندي، فارسي ۽ عربيءَ جو ڄاڻو، وڏو عالم ۽ فاضل هو. پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ گادي نشين ٿيو. سندس ڪيترا ئي مسلمان توڙي هندو مريد هئا. هن ويهين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ روهڙيءَ ۾ وفات ڪئي(١)

جان الله شاهہ ثالث سنڌي، سرائيڪي، فارسي ۽ اردوءَ جو پختو شاعر هو. سندس ڪلام بيتن، ڪافين ۽ سہ حرفين تي مشتمل آهي. سندس ڪافيون گهڻو ڪري قديم وائيءَ جي ٽيڪنڪ تي آهن، يعني هر بند هڪ مصرع جو آهي البت ڪيترن ڪافين ۾ ٽل ڏيڍوٽو يا بيٽو آهي. ڪجهہ ڪافيون نئين انداز سان بہ لکيل آهن. ڪلام ۾ لفظن جو استعمال، تمثيلون، تشبيهون ۽ استعارا ڪٿي ڪٿي هندي شاعريءَ جي بنهہ ويجهو ٿا لڳن. سنڌي ۽ هنديءَ جي آميزش جي ڪري سندس شاعري ۾ سٺي رنگيني آهي. ان کان سواءِ تصوف جا مسئلا بہ سمجهايل آهن تہ حسن وعشق جو ذڪر بہ رنگين ۽ دلڪش نوع ۾ ڪيو ويو آهي. هيٺ سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

بيت(٢)

مرگهہ تشنا جي جل جو، ڇڏيائون رولو،
اوديا ڳنڍ کلي پئي، ويو غير جو چولو
"جان الله شاهہ"پيجي پرم جو پولو،سامي سنوان ٿيا سير ۾.



کوڙ ڪپت پر پنج ۾، وسرين آتم ڏن
لحظي ۾ لڙهي ويا، ڪيئي مورخ من
"جان شاهہ" ڪري من امن، چڙهي وينو سڪپت سيج تي.

جوڳي يوڳي ڪاپڙي، سنياسي مون سيڻ
ڏسي منهن محبوب جو، ڪرن وڏائي ويڻ
”جان شاھ“ تنهنجا نيڻ رتا هن شر سناءَ ۾



محبت جي ميدان ۾، سوريءَ سر ڏين
اتي سانگو سر جو، ڪامل ڪين ڪرن
”جان شاھ“ تنهان پوءِ، ڏسن پڪا پنهل چام جا.

ڪافيون

مٺڙن ماروئڙن ڪاڻ آه دل چري،
آهي دل چري، ويندس دوست مري
اتم اميدان سرتيون، ايندم شال وري
بوندان برهه جون وسنديون، تر بر ويندا تري
پيچ تون ڪوٺ ڪڙا، پٽ ڪا درد دري
”جان شاھ“ کي سڪ جي، ڏي ڪا مهر پري



ڏسي حسن تنهنجو دلدار، همه حيران لڳي
ناز دلبر جي آهي نهوڙيو، مرڪڻ تنهنجي منٺار
رنگ رنگ دي وچ بيرنگ سمايا، بجلي دا جهلڪار
”جان شاھ“ عاشق تي عشق جو آيو، وسيا ميگهه ملهار



رهبر مون تيندا، ڏونگر ۾ تہ ڏکيءَ سان
آءُ تہ انهيءَ جي آهيان، سار سڄڻ لهندا
وينديس رهنديس ڪينڪي، رند وٺي روندا
اتي آڏيءَ رات جو، پهه پنهل پچندا
”جان شاھ“ کي تہ لڪن ۾، هوت همت ڏيندا
ڪيچ ڏٺي تيندا، شامل دردمندن سان

صوفيءَ سير سچو ڪري، جوڳي ٿي جلندا
شـــامـــل دردمـــنـــدن ســـان
بوندان برهہ وسايو، رمز وٺي رلندا
شـــامـــل دردمـــنـــدن ســـان
ڏسي منهن محبوب جو، عاشق ٿي هلندا
شـــامـــل دردمـــنـــدن ســـان
"جان شاهہ" ساڏ سنگت ٿي، محبن سان ملندا
شـــامـــل دردمـــنـــدن ســـان



نباهيون نيندا، هنج ڪٽي هوتن ڏي
آسروندي آهيان، ڪامل ڪرم ڪندا
ويٺي راهہ نهاريان، اجهي پرين ايندا
داروں دردمندن کي، ڏسڻ سان ڏيندا
"جان شاهہ "سڪ سچيءَ مان، پهہ پنهل پڄندا(۴)



منگي ميان عشق نہ تو، پوشاڪي يار
ڪل عالم کي ڏنائون، برهہ چڏيائون باقي يار
لذت عشرت هر ڪنهن چائي، برهہ چايو هن خاڪي يار
هر دو جهان ۾ آهي، اسان جو حسن حسنين سان ساٿي يار
دلبر سائين نال اسان ڏي آهي، هردم نت اوطاقي يار
"جان شاهہ "جامي تنهنجو آهي، حوض ڪوثر جو ساقي يار



اٿي جوڳي جاڳ، ننڊ نماٽي آهي نهوڙيو
ويندي‌س رهندي‌سن ڪين ڪي، مانجهاندي جو آهي ماڳ
پينر پاڳين آيو، بيراڳڻ کي ويراڳ
ڏونگر ڏورڻ آيو، دردمندن جو آهي لاڳ
اديون "جان شاهہ" تي، سامن جو ئي سهاڳ



نشا پيتم نينهن نواب ڪنون، جند ڇڏ ڳٽي ڏهہ ثواب ڪنون
ونحن اقرب ٿي اثباتي، معلوم هويا ڪل صفاتي، پر پر پيتم جام
لنگهہ ڳيوسي سڀ خيال خراب ڪنون
وفي انفسڪم سمجهہ ڏنائون، هرجا هادي جي رمز ڏسيائون
مرشد داهي ڪلام، ڇڏ ڳيوسي غير حساب ڪنون
خيال خودي داگم هئي سارا، وڃا محبت نينهن نقارا
عشق ڪيتا آءَ سلام، بيخود بيخودي دي خواب ڪنون
مرشد سائين حڪم فرمايا، "جان شاهہ" چمي سر اکين چايا



عشق وارن سان ناهي بات، دين ڪفر کي ڇڏي ڏنائون
لا الہ ۾ وڃي گم جو ٿيئڙا
الا الله ڪيون اثبات، ديد ۾ دلبر صحي ڏٺائون
ڇڙ ڇڙ آون لذت پاون، صورت سڀ صفات
خيال خودي کي، گم هي ڪيائون
دردمندن کي درد وچولي، گڏين گورڪ نات
پورب جو وڃي پند پڇيائون
"جان شاهہ" عاشق لنگهي اڳي ٿيا، پرهہ ڦٽي پريات
دم انالحق جو سڏ سڏيائون

حوالا ۽ حاشيا

(١) سنڌي عبدالمجيد ميمڻ "تذڪرہ شعراء سکر"
سنڌي ادبي سوسائٽي سکر ١٩٦٥ع ص١٠٠
(٢) ساڳيو ص١٠١
(٣) پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جي قلمي
ذخيري مان ورتل.
(۴) ساڳيو.

سيد علي اڪبر شاهہ ثاني

سيد علي اڪبر شاهہ ثاني، روهڙيءَ جي بزرگ مير جان الله شاهہ ثالث جو فرزند هو. پيءُ کان پوءِ سجاده نشين ٿيو. وڏي جاهہ ۽ حشمت سان گذاريندو هو. ڪيترائي هندو، مسلمان سندس مريد هئا. حيدرآباد جي عاملن جو منجهس وڏو اعتقاد هو. ڪيس رام جو اوتار ڪري پوڄيندا هئا. ١٩٢٢ع ۾ وفات ڪيائين. (١) سنڌي، سرائيڪي، فارسي ۽ اردوءَ جو سٺو شاعر هو. سندس اڪثر ڪافيون وائيءَ جي ٽيڪنڪ تي آهن يعني بند فقط هڪ مصرع جو آهي، پر ڪيترين ڪافين جي ٿل ۾ قافيو ڏيڍوڻو يا ٻيڻو آهي. ڪي ڪافيون ڏيڍيون بہ آهن ۽ هر بند ۾ ٽِڙو قافيو آهي. نموني لاءِ سندس ڪلام پيش جي ٿو:

ڪافيون

تن ديدن جي دستور، ڪيو مخمور اسان
چاهہ سڄڻ جي چت ڪي چوري، سوريءَ تہ ناهن سور
نسنگ ناسور اسان
رمز رهاٽيون چٽڪن جيءَ ۾، پور پو ن پرپور،
ماٽهن جي مذڪور اسان
چشمن چالا، پرونئن پالا، گهاو هٽن منجهہ گهور
ڪرن چڪچور اسان
فائق فرق فراق جا پيڙا، اهڙا ڪرين چو ڪلور
مر ڇڏ مهجور اسان

*

جيڪا سورن تنهنجن منجهہ تي سڙي
تنهن ڪي ڏي دلاسو مهر ڪري
ڏکيا ڏينهن لڳن تا توري

تون پاجهون دل کين تري
پهريون ناتو نيهن جو لاتو
پوءِ کيو پنهنجو پاڻ پري
بي تسکين سوالي تنهنجو
راتيان ڏينهان وينو رڙي.

حوالا ۽ حاشيا

(۱) سنڌي، عبدالمجيد ميمڻ "تذکره شعراءِ سکر" سنڌي ادبي بورڊ سوسائٽي سکر ۱۹٦۵ع ص۱۵۱

قادر بخش "بيدل"

قادر بخش "بيدل" سن۱۲۳۰ھ/۱۸۱۴ع ۾ روهڙيءَ ۾ ڄائو. سندس نالو عبدالقادر رکيو ويو پر پوءِ حضرت پيران دستگير جي ادب وچان کيس قادر بخش سڏيو ويو(۱) "بيدل" جو والد بزرگ ميان محمد محسن پاٽولي (ريشم فروش) سيد عبدالوهاب ڀاڳناڙيءَ واري جو مريد هو ۽ سيد عبدالوهاب وري مير جان الله شاهه رضوي ٻئي جو خليفو (۲) ۽ اڳتي هلي ميان محمد محسن کي به ميان عبدالوهاب جي معرفت سيد صاحب جي خلافت ملي(۳)

جڏهن "بيدل" جو جنم ٿيو هو، انهيءَ وقت خليفومحمد محسن، مير جان الله شاهه وٽ ڪڇهريءَ ۾ ويٺل هو. "اتي خبر پيس ته پٽ ڄائو اٿو، پر هڪ پير مڙيل اٿس" ان تي مير صاحب چيو ابا منڊو نه چئو اهو روهڙيءَ شهر جو ٿيندو جهنڊو(۴)

"بيدل" جي پرورش، تعليم ۽ تربيت عالماڻي ۽ عارفاڻي ماحول ۾ ٿي. هن صاحب عربي ۽ فارسيءَ ۾ مهارت حاصل ڪئي. مولوي عبدالرحمٰن کان مولانا روميءَ جي مثنوي پڙهيو(۵) مسٽر بولچند "بيدل جو سنڌي ڪلام" ۾ لکي ٿو ته پنجن ورهين جي عمر ۾ سندس والد کيس ملان مڪتب ۾ وهاريو. سندس گهڻو وقت فڪر ۾ گذرندو هو. تنهائيءَ ۾ وهڻ وڻندو هوس. ڪيترن موقعن تي هو مڪتب مان اٿي وڃي وڻ جي هيٺيان پور پچائيندو هو. ٻارهن ورهين جي عمر تائين مڪتب ۾ تعليم پرايائين(٦) ۽ مخدوم محمد اسماعيل جي درگاهه تي به رهيو جتي کيس شريعت حاصل ٿي(۷) پير حسام الدين راشدي صاحب لکي ٿو ته: "بيدل فقير ظاهري علم جو ڀنڊار، عربي، فارسي، اردو ۽ سرائيڪي زبانون ڄڻ مادري ٻوليون هئس"(۸) "بيدل" فقير تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ يڪدم تصوف ڏي تاڻڻ لڳو. صوفين سان صحبتون ٿيس، عاشقن سان مجلسون متيس. ان وقت صوفي سرمست حضرت عبدالوهاب عرف سچل سائين الاهي الفت جا انگ سکڻ لڳو. اتان خوب مٽيا هٿ ڪيائين. عشق اها آڳ لائي ڇڏيس جو پيرين پيادو

سيواڻي سرمست (قلندر لال شهباز) ڏي ويندو رهيو، وري اتان جو پور پيس ته سڌو پيٽ جي پوتار وٽ وڃي پهتو(٩) ائين "بيدل" گهڻن ئي هنڌن جا سفر ڪري گهڻن ئي بزرگن، اوليائن ۽ عالمن کان پرايو ۽ پروڙيو. محترم پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب پنهنجي مقالي "بيدل جي شاعريءَ جو مختصر جائزو" ۾ لکي ٿو ته: "قادر بخش "بيدل" عربي ۽ فارسيءَ جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ روحانيت جي طلب لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن جو سير سفر ڪيو. سيوهڻ وڃي حضرت لعل شهباز (وصال ٦٥٠هه) جي درگاهه تي حاضري ڀري، پرپالوءِ وڃي مخدوم محمد اسماعيل (وصال ١١٧٤ هه) جي مزار پُر انوار جو ديدار ڪيو. پير ڳوٺ وڃي پير صبغة الله شاهه (وصال ١٢٤٦هه) جي صحبت بابرڪت ۾ رهي پنهنجي همعصر پير علي گوهر اصغر (وصال ١٢٦٣هه) سان گڏ مثنوي معنوي جي درس ۾ شامل ٿيو(١٠)

بيدل فقير گهڻن ئي ڳڻن جو مالڪ هو. هو هڪ حسن پرست انسان ۽ عشق ڪندڙ فقير هو. وٽس پاڪ ۽ خالص محبت رکندڙ دل هئي. ظاهري يا مجازي عشق ڪن صوفين جي طريقي ۾ ناجائز آهي ۽ ڪن وٽ جائز آهي. فقير "بيدل" انهن صوفين مان هو، جيڪي ڪجهه وقت لاءِ ظاهري حسن کي حقيقي حسن ڏسڻ لاءِ ڏاڪڻ سمجهندا آهن(١١) ۽ عشق کي عبادت سمجهندا آهن سو جوانيءَ ۾ "بيدل" فقير کي به مجازي عشق جي چپيٽ لڳي. هن حسن جي شيدائي جي هڪ ڀيري نظر هڪ عورت تي پئي ته ان کي ڏسندي ئي مدهوش ٿي ويو. تنهن کان پوءِ هڪ هندو جوان ڪرمچند بجاج تي به هو عاشق ٿي پيو. ڪرمچند جو سکر ۾ انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ دڪان هوندو هو. هي فقير روزانو پيرين پيادو روهڙيءَ کان سکر ۾ ڪرمچند وٽ وڃي ويهي رهندو هو ۽ شام جو واپس ورندو هو ۽ ائين دنيا جا لڳ لاڳاپا لاهي ڪافي عرصو انهيءَ عشق ۾ مست الست رهيو. هڪ ڏينهن صوفي صديق فقير اهر وارو روهڙيءَ جي مشهور سيد سوال شاهه وٽ آيو ته "بيدل" فقير به اتي حاضر ٿيو ته صديق فقير ٽوڪ ڪندي "بيدل" کي فرمايو ته: "هندو فقير اوري اچي وهو!" انهيءَ ڳالهه مٿس ڏاڍو اثر

ڪيو ۽ فقير صاحب ڪرمچند کان ڪنارو ڪري روهڙيءَ ۾ اچي رهيو(١٢) پر هڪ ٻي مشهور روايت اها به آهي ته فقير ”بيدل“ ڪرمچند جي بکر واري چانوٽيءَ ۾ دڪان کولڻ تي سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪندو هو. فقير ”بيدل“ جيئن ته هڪ وطن دوست صوفي هو، تنهن ڪري فطري طور تي هو ڌارين فاتحن سان نفرت ڪندو هو. گمان آهي ته پوءِ ڪرمچند کي اتان پنهنجو دڪان بند ڪرڻ جو زور رکيو هوندو. شايد ڪرمچند، سندس اهو چيو نه مڃيو جو فقير ”بيدل“ جلد ئي ساڻس منهن مٽي آيو(١٣) پر ڪرمچند ”بيدل“ فقير وٽ عمر جي آخري وقت تائين به ايندو ويندو هو(١٤)

ڪرمچند وٽ اچ وڃ گهٽائڻ کان پوءِ سگهوئي ”بيدل“ فقير جي عاشق نگاهه وري وڃي شڪارپور جي خوبصورت نوجوان غلام محمد ذات داروگر تي پيئي. سندس مائٽ شڪارپور ۾ درزڪو ڌنڌو ڪندا هئا. نه رڳو غلام محمد ”بيدل“ کي موهي وڌو پر ”بيدل“ جي شخصيت جو به غلام محمد تي ايترو ته اثر ٿيو جو هو شڪارپور کان مائٽن کي بنا ٻڌائڻ جي ”بيدل“ سان ملڻ روهڙي ايندو هو. آخر جڏهن مائٽن غلام محمد کي روهڙي وڃڻ کان روڪي ڇڏيو تڏهن فقير ”بيدل“ پاڻ شڪارپور وڃي ميڙ منٿ ڪري غلام محمد کي پاڻ سان وٺي آيو ۽ پوءِ سموري حياتي وٽس گذاري. غلام محمد ”بيدل“ فقير کان فيض حاصل ڪري گهٽي نياز ۽ نوڙت سان رهيو. هن بيدل کان دڪان بند ڪرايو ۽ پاڻ درزڪو ڌنڌو ڪري جيڪو به ڪمائيندو هو سو ”بيدل“ فقير جي خدمت ۾ حاضر ڪندو هو(١٥) غلام محمد ١٢٦١هه ۾ وفات ڪئي ۽ کيس اهڙي هنڌ دفن ڪيو ويو جو هينئر سندس تربت فقير ”بيدل“ جي بلڪل پيرانديءَ کان آهي(١٦) غلام محمد جي وڇوڙي جو ”بيدل“ فقير کي ڏاڍو صدمو رسيو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ به ڪيترن ئي هنڌن تي اهڙو ذڪر ڪيو آهي. سندس وصال تي ڪيترا ئي تاريخي شعر لکيائين جن مان هڪ شعر هيٺين ريت آهي:

رفت از جهان غلام محمد مراگذاشت
مرهون به حسرت وبتاسف اسيرهم

پرسيد دل چو سال وفاتش زفكر پاک
سالک نظر بہ گفت مصفا ضميرهم.
۱۲۶۱هـ ۱۲۶۱هـ

فقير "بيدل" غلام محمد جي وفات کان پوءِ سنڌ جي مختلف شهرن جي سير، سياحت ڪرڻ کان پوءِ ۱۲۲۵هہ ۾ واپس روهڙي آيو. روهڙي واپس اچڻ کان پوءِ ظاهري گهر تہ آباد ٿيس، مگر باطني ديرو تہ اجا تائين ويران هئس. دل ڏيئي "بيدل" ٿيو هو، سو نهايت پريشان گذارڻ لڳو. نيٺ روهڙيءَ جي قاضي پيرمحمد صاحب سان ڪٺي پرت جا پلاند وڌائين(۱۷) ان وقت فقير "بيدل" جي عمر ۳۴ سال ۽ قاضي پير محمد جي عمر ۲۰ سال هئي(۱۸) "بيدل" فقير کي پير محمد سان ايڏو تہ پيار هو جو پنهنجي اوطاق ڇڏي اچي قاضي پير محمد جي گهر پرسان جاءِ مسواڙ تي وٺي ويٺو. قاضي پير محمد شروع ۾ تہ گهڻو بيپرواهہ ۽ سخت مزاج هو، پر جلد ئي فقير "بيدل" جي شخصيت ۽ علمي مرتبي کان متاثر ٿيو، قاضي پير محمد، بيدل فقير کان ذڪر فڪر جي تلقين وٺي دم جي ڏن ۾ لڳي ويو(۱۹)

قاضي پير محمد عربي ۽ فارسيءَ جو ڄاڻو ۽ خوشخطيءَ جو پنهنجو مٽ پاڻ هو. فقير "بيدل" جا اڪثر ڪتاب پنهنجن هٿ اڪرن سان نقل ڪيا اٿس. قاضي پير محمد "بيدل" فقير جي حياتيءَ ۾ ئي ۱۷ جنوري ۱۸۶۹ع/ ۳ شوال ۱۲۸۵هہ ۾ وفات ڪئي. فقير "بيدل" جي هڪ شعر مان هن جي وفات تي سندس عمر ۴۰ سال معلوم ٿئي ٿي. قاضي پير محمد جي تربت ريلوي لائن روهڙيءَ پرسان مشهور عالم مولوي عبدالحليم جي مزار لڳ آهي. "بيدل" فقير، قاضي پير محمد جي وفات تي ڪيترا ئي شعر چيا آهن، جن مان هڪ شعر مثال طور ڏجي ٿو:

چون ڪہ قاضي پير محمد باهدي
ڪرد اندر عشق حق جان رافدا
دل ز سال وصال او داده خبر
گفت بد پروانہ شمع خدا
سال ۱۲۸۵ هہ

"بيدل" فقير بہ شاديون ڪيون. پهرين گهر مان ڪيس هڪ نياٽي ٿي ۽ ٻئي گهر مان ڪيس ٽي فرزند تولد ٿيا پر تولد جون تاريخون فقط ٻن پٽن جون ملن ٿيون. محمدمحسن (ڄم ١٢٧٥هہ) ۽ محمد فريد (ڄم ١٢٧٧هہ) جڏهن تہ ٽئين نمبر پٽ جو نالو عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ حسام الدين راشدي امام بخش ڄاڻايو آهي(٢٠) سندس پٽن مان امام بخش ننڍي هوندي ئي گذاري ويو ۽ محمد فريد ڇهن سالن جي عمر ۾ سن١٢٨۴هہ ۾ وفات ڪري ويو، جنهن جي تربت درگاهہ "بيدل" جي ذڪڻ ۾ آهي(٢١) ۽ محمدمحسن اڳتي هلي "بيڪس" جي تخلص سان سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين جو ناميارو شاعر ۽ صوفي بڻيو.

"بيدل" فقير قادي طريقي جو صوفي فقير هو. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "تذڪره شعرا‍ءِسڪر" ۾ لکي ٿو تہ "حضرت "بيدلؒ" مير جان الله شاهہ ٻئي جو باقاعده مريد ٿيو، جنهن جي طريقت‌جو سلسلو شاهہ عنايت شهيد سان ملي ٿو. مرشد وٽان خلافت بہ عطا ٿيس"(٢٢) گدومل هرجاڻي بہ "ديوان بيدل" ۾ لکي ٿو تہ "بيدل" فقير خدا جي واٽ ۽ رياضت جي راهہ پنهنجي والد صاحب جي وقت ۾ مير جان الله شاهہ وچين ڪان پچي هئي"(٢٣) اهڙو ذڪر "بيدل" فقير پاڻ بہ پنهنجي فارسي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. بيدل فقير جي جهوڪ ۾ فيض لاءِ اچڻ متعلق محترم گدومل هرجاڻي لکي ٿو تہ "جنهن وقت ۾ حضرت ميرانپور عرف جهوڪ شريف جي سند تي صاحب ڪريم سائين ابراهيم شاهہ، چوٿون سجاده نشين هو، تڏهن فقير "بيدل" صاحب ميرانپور ۾ فيض حاصل ڪرڻ ويا هئا. سندس عمر ان وقت ٽيهن ۽ پنجٽيهن ورهين جي وچ ۾ هئي. اجان فقير صاحب درگاهہ شريف ۾ پهتا ئي ڪين هئا، جو صاحبن ڪريمن پنهنجن مريدن کي فرمايو تہ" ابا جي ڪجهہ وٺڻو اٿو تہ وٺو نہ تہ هڪ مندڙو فقير اچي ٿو سو مٽ پي ويندو پر ڊِڪٽين ۾ بہ سرڪي ڪانہ ڇڏيندو. تنهن ڪري اهو وقت اٿو ڪي ڪري وٺو" ان ڪان پوءِ فقير صاحب جهوڪ شريف آيا ۽ اتي ٿورا

ڏينهن رهي روهڙي شريف موٽي آيا(٢۴) اهڙيءَ ريت "بيدل" فقير جي طريقت جو سلسلو هيٺينءَ ريت ٿيندو:

فقير قادر بخش "بيدل" مريد مير جان الله شاهه وچين جو، اهو مريد عبدالوهاب جيلانيءَ جو، اهو مريد فقير غلام محمد جو، اهو مريد غلام رسول وٽجاري جو، اهو مريد مير جان الله شاهه اول جو، اهو مريد صوفي شهيد شاهه عنايت الله جو، اهو مريد عبدالملڪ دکنيءَ جو ۽ اهو مريد عبدالقادر جيلانيءَ جو.

"بيدل" فقير جي زندگي هڪ سچي صوفيءَ جو چٽو عڪس هئي. پروفيسر لوڪومل درياهي ۽ ڪماري ڪملا سُنڌي شعر جي ڪسوٽي" ۾ لکن ٿا تہ "بيدل سائين ذات جو قريشي ۽ حنفي فرقي وارن سنين مان هو، مگر سندس طبيعت قدري شيعن جي روش سان بہ ملي ايندي هئي. حضرت علي ۽ سندس اولاد امام حسن ۽ امام حسين لاءِ ڪيس عزت ۽ اڪير هئي. انهن جي شهادت جو سوز سندس سيني ۾ سمايل هو. "بيدل" فقير هڪ آزاد طبع انسان هو ۽ جتي ڳڻ ڏسندو هو اتي نياز ڪندو هو(٢۵) هي فقير گهڻو وقت بيخوديءَ ۾ بسر ڪندو هو ۽ مولا جي محبت جو ڪيف مٿس هروقت رهندو هو. نندي هوندي کان ئي پنهنجي وجود کي مولا جي محبت ۾ وڃائي ويٺو هو. هي اهو صوفي باصفا هو جنهن نہ دين وساريو نہ دنيا خراب ڪئي ۽ نہ شان وڃايو. نماز روزي جو پابند، نشن کان ڪوهين ڏور ۽ اخلاقي ڳالهين ۾ هماليا جبل جهڙو سخت ۽ پختو هو"(٢٦)

"بيدل" فقير هڪ سچو صوفي ۽ وحدت الوجود جو قائل ۽ هڪ عاشق مزاج هو. هي شاهه عنايت شهيد جي المناڪ شهادت واري واقعي کان نہ صرف باخبر هو، پر ان کان متاثر پڻ هو. انهيءَ اثر جي ڪري ئي وقت جي حاڪمن کان گهڻو بيزار رهيو. سندس حياتيءَ جا اهڙا ڪيترا ئي واقعا ملن ٿا. گدومل هرجاڻي لکي ٿو تہ"هڪ ڀيري خيرپور جي مير علي مراد خان "بيدل" فقير ڏانهن نذرانو موڪليو تہ "بيدل" ڪاوڙ ۾ لال ٿي ويو ۽ نذرانو واپس ڪري ڇڏيائين(٢٧) ٻئي ڀيري "بيدل" فقير ڏانهن ميرن جاگيرن جو پروانو موڪليو جيڪو هن

پرزا پرزا ڪري مير علي مراد ڏانهن واپس موڪليو. مير مراد علي خان فقير "بيدل" ڏانهن ملاقات جي دعوت ۾ هڪ پيري موڪلي هئي جيڪا "بيدل" قبول نہ ڪئي ۽ فرمايائين تہ جيترو وقت اسان مير صاحبن وٽ هلنداسون اوترو وقت الله جو ڏمر رهندو. هڪ موقعي تي فرمايائين تہ امير جي دروازي تي فقير وڃڻ بڇڙو ۽ خراب آهي(٢٨) ۽ انگريزن خلاف بہ وٽس گهٽي نفرت هئي. اهو ئي سبب هو جو هن پنهنجي محبوب ڪرمچند کي انگريزن جي ڇانوٽي مان دڪان بند ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ۽ وري سکر نہ ويو.

نيٺ عشق جو اوتار، صوفين جو سردار ۽ مجاز جو مهندار سائين "بيدل" پوتار اهي لاتيون لوين بلبل جيان باتيون ڪري ساريءَ سنڌ کي روئندو ڇڏي پاڻ (١٦ ذوالقعد سن ١٢٨٩هہ) هن جهان مان لاڏاڻو ڪري وڃي بهشت جي بستان ۾ نغما نوازيون ڪرڻ لڳو(٢٩) سندس درگاهہ روهڙي سٽيشن جي ڀر ۾ انهيءَ هنڌ تي آهي، جتي پاڻ اڳ ۾ هڪ وڻ هيٺان مراقبو ڪري اچي ويهندو هو. سندس تربت تي هيٺيون ڪتبو لڳل آهي جيڪو پير حسام الدين راشدي صاحب پڻ پنهنجي مضمون ۾ نقل ڪيو آهي:

رحلت نمود تاريخ وفات مرحوم فقير ميان قادر بخش

وا دريغا ڪہ سالک کامل راند نما کہ زدار دنيا رخش

هاتف گفت سال رحلتش بود طالب وحيد قادر

بخش(٣٠) ١٢٨٩هہ

ڀهريائين "بيدل" فقير جي مزار مٿان ڀائي ڪشن مل ۽ ڀين طالبن مقبرو اڏايو تنهن کان پوءِ ١٩٢٣ع ۾ مزار مٿان ڪاٺ جو ڪٽهڙو تيار ڪرايو ويو ۽ ١٩٤٥ع ۾ درگاهہ ٻيهر تعمير ڪرائي وئي جيڪا موجوده صورت ۾ آهي. درگاهہ سان گڏ اتر ۾ مسجد ١٩٦٣ع ۾ تعمير ڪئي وئي. درگاهہ ۾ ساڄي پاسي فقير محمد محسن بيڪس (١٢٩٨هہ) ۽ کاٻي پاسي فقير عبدالله (١٣٠١هہ) دفن ٿيل آهن. سندس درگاهہ تي ١٦ ذوالقعد* تي ساليانو ميلو لڳندو آهي، جتي ڪيترا ئي پانڌيئڙا هر سال ڪهي اچي ڪٺا ٿيندا آهن.

"بيدل" فقير وڏو عالم، فاضل ۽ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. سندس علم ۽ فضل سندس تصنيفن ۽ تاليفن مان ئي ظاهر آهي. سندس تصنيفن جو ڳاڻيٽو ٽيهن کان به مٿي آهي جيڪي فارسي نثر ۽ نظم عربي مقولن جي صورت ۾ سنڌي، سرائيڪي، هندي ۽ اردو شاعريءَ تي مشتمل آهن. سندس هيٺيون تصنيفون گهڻون مشهور آهن:

١- ديوان "بيدل"

٢- رموزالعارفين (نظم) وحدت الوجود وغيره جي موضوعن تي مختصر رسالو.

٣- تقويت القلوب في تذكرة المحبوب: شاعرن ۽ صوفين جا قول لکي ان تي حاشيه لکيا اٿس.

۴- پنج گنج. فارسي ۽ عربيءَ ۾ هڪ مختصر رسالو. تصنيف سال ١٢٦۴هه.

۵- رياض الفقر صوفي فقيرن جي مجاهدن ۽ محنتن جو بيان. هڪ هزار بيتن تي مشتمل.

٦- سلوڪ الطالبين: ٣۵ صفحن جو مختصر ٩٠ غزلن جو مجموعو.

٧- رموز قادري، ٢٠ صفحن جو رسالو. قصيده غوثيه جو شرح.

٨- نهرالبحر: مولانا روم جي انداز ۾ ۴٨ صفحن جي مختصر مثنوي.

٩- الفوائد المعنوي: تصوف جي ١١٧٨ اصطلاحن ۽ عشق مجاز جو بيان. عربي رسالو

١٠- مصباح الطريقت: هزار کان مٿي شعر، غزل، قطعا ۽ رباعيون.

١١- قرة العينين في مناقب السبطين: واقع ڪربلا متعلق سؤ صفحن جو ڪتاب.

١٢- في بطن الاحاديث: ڇهن حديثن جو شرح تصنيف سال ١٢٨٠هه ۾ تصنيف ٿيل

١٣- فارسي ڪلام، هن ۾ تخلص طالب ڪتب آندو اٿس.

١۴- وحدت نامه سنڌي ڏوهڙا

١۵- سرود نامه سنڌي

١٦- فرائض صوفياءَ: سنڌي ويهن تڪن جو مختصر رسالو جنهن ۾

سالڪن لاءِ سمجهائيون آهن.

١٧- سند الموحدين: وحدت جو بيان.

١٨- انشاء قادري. فارسي ۾ ڏهه رقعا.

١٩- مثنوي هير رانجها.

٢٠- سرائيڪي ڪلام. ڪافيون ۽ ڏوهيڙا.

٢١- هندي ڪلام. هندي ٧ اردو غزل

٢٢- مخمسات فارسي مخمس ۽ ڪجهه غزلن جو ننڍڙو مجموعو.

٢٣- عقائد فارسي

٢٤- قصه ليليٰ مجنون

٢٥- بفت ميزان طب

٢٦- وحدت نامه سنڌي

٢٧- ڪرسي نامه: فارسي، ٢١ شعرن تي مشتمل مثنوي تصنيف سال ١٦٧هه

٢٨- ظهور نامه: فارسي ٢٢ صوفيانه بيت

٢٩- ديوان منهاج الحقيقت: فارسي تصنيف سال ١٢٦٥هه

٣٠- تاريخ سنڌ: فارسي نثر ۾ين ملڪن جي بزرگن جو سنڌ اندر رهائش اختيار ڪرڻ بابت احوال.

"بيدل" پنهنجي ڪلام ۾ لطيف، سچل، لال شهباز قلندر ۽ ٻين صوفي بزرگن جو وڏي احترام سان ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪيترا ئي بيت، نظم ۽ غزل سندن متعلق چيا آهن پر سندس شاعريءَ ۾ شاهه شهيد سان تمام گهڻي عقيدت ۽ محبت ملي ٿي. محترم پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب لکي ٿو تہ "شاهه شهيد سان ڪين وڏي عقيدت ۽ محبت هئي. اهو سلسلو ڪرسي نامن ۽ قصيدن ۾ بيان ڪيو اٿائين. فقير قادر بخش پهريون سنڌي عالم آهي، جنهن شاهه شهيد جي طريقت وارو سلسلو قلمبند ڪيو آهي"(٣١)

"بيدل" سائين پنهنجي دور جو اعليٰ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. مٿس تصوف جو رنگ گهڻو چڙهيل آهي. سندس شاعريءَ ۾ وحدت الوجود ۽ ويدانت "سوتر ايڪو اهم بهو سيام" جو خيال نظر

اچي ٿو. هيءَ هر چيز ۾ هڪ ۽ حق کي پسي ٿو. عشق سندس شاعريءَ جو بنياد آهي. "بيدل" مجاز سان وابستہ هر شيءَ جي نهايت پرڪشش ۽ واضح تصوير چٽي آهي. محبوب جي وصفن ۽ صفتن، ناز ۽ ادا هجر ۽ وصال جو نهايت وڻندڙ ۽ پر اثر نموني سان ذڪر ڪيو آهي. انسان ذات سان پيار ۽ مذهبي ڪٽر پڻي خلاف سندس شاعريءَ ۾ چٽو تصور آهي. انسانيت ۽ عشق سندس مذهب آهي.

ادبي ۽ فني لحاظ سان بہ "بيدل" جو ڪلام ڪيترن ئي خوبين جو حامل آهي. سندس ڪافيون نهايت پختيون ۽ برجستيون آهن. گهاڙيٽي جي لحاظ سان وٽس ڪيترا ئي انوکا ۽ دلچسپ تجربا ملن ٿا. ڪلام ۾ فصاحت ۽ بلاغت بہ گهڻي آهي. ٻولي سليس، سولي ۽ سلوڻي آهي. ٻين ٻولين جي لفظن ۽ ترڪيبن جو جڙاءُ بہ ڏاڍو وڻندڙ آهي تہ ڪلام ۾ موسيقي ۽ ميناج بہ گهڻو آهي. سندس ڪافيون جدا جدا سرن تي چيل آهن، جنهن مان ظاهر آهي تہ کيس موسيقيءَ جي گهڻي ڄاڻ هيس.

وحد نامي مان ڪجھ بيت

هستي کي همہ اوست ۾ ڪيو گم جنين
ڏٺو ترت تنين اکين شعاع شهود جو.

هستيءَ کي همہ اوست ۾ جنين گم ڪيو،
تنين ترت پيو آچوڙو اثبات جو.

هستيءَ کي همہ اوست ۾ جنين ڪيو گم،
تن تي آگم اچي ٿيو اثبات جو.
هستيءَ کي همہ اوست ۾، جنين ڪيو فاني،
تن تي عياني، اچي ٿي اثبات جي.

هستيءَ کي همہ اوست ۾ ڪيو جن فنا،
چيو تن، انا حالت ۾ حلاج جي.

حالت جا حلاج جي، سمورو آهه سوز،
سدائي سوريءَ تي نينهن جو نوروز،

رندي راز رموز، کنهن کي سلن کينکي.
حالت جا حلاج جي، سموري آهه سور،

مردن ۾ منصور، کو کوملي کاتهين.
حالت جا حلاج جي، محمدي معراج،

سالکن سرتاج، مستيءَ کون منصور ٿيو.
حالت جا حلاج، جي اونهون هي اسرار

اچي الوهيت جو، برهه اٿايو بار،
کنهن کنهن کلادار، کل پري هن کن جي.

حالت جا حلاج جي ربوبيت راز،
حقيقت مجاز، ايکائيءَ ۾ ايک ٿيا.

ابيات سرائيکي

"بيدل" ڳالهه وحدت دي من تون، طلسم وهم دوئي‌دا‌پن تون،
وچ عروج نزول دي گهن تون، لذت آوڻ جا وڻ دي.

کشف قبور قلوب نه منگين، منگين درد هکلا،
مي نوشان دا مشرب چوکا، تسبيح چوڙ مصلا،
منصوري منصب دا، "بيدل" هي مقصود مُعلیٰ.

لا دي فکرت نال وڄاوين، خيال خودي دا سارا،
نفي وچ اثبات ويکيجي، نور شهود نيارا،

"اينما تولوا فثم وجه الله" جيئ ويکين تٽ پارا،
اٿ ڳيا حجاب دوئي دا، وحدت مار نغارا.

ماهي نال اسان ڏيان اکيان، لڳيان وه وه لوڪان،
شاھ حسن ديان فوجان چڙهيان، ناز ديان مارن نوڪان،
"بيدل" عشق محبت پاجهون، پي سڀ ڪوڙي هوڪان

نرگس نين ساڏي دلبر دي، يا وت پريم پيالي،
بازان وانگون ڏيون باولين، ڪاون خوب نوالي،
"بيدل" ماس دلين دي منگدي، ڪون انهانون پالي.

آهو چشم ساڏي سڄڻان دي، يا وت شير شڪاري،
ٻٽيي وانگ دڪالي ڏيندي ، يا ڪائي تيز ڪٽاري،
نيزا ناز نسنگ مريندي، هاتڪ وچ هسواري
"بيدل" بچڻ محال انهين دا، جا اکيان دي ماري.

ڪافيون.

روپ بلاولي

صوفي لا مذهب تڪرار، هر مذهب کان آ بيزار،
ڪي ٿا سني سڏائن - ڪي ٿا شيعو پاڪ ڪوٺائن
ڳيت هر جو عاشق ڳائن - عشق جو عالي آھ اسرار،
اها حياتي اٿئي خزانو - دم دم تنهن جو دريگانو
باور ڪر تون ٿيءُ مردانو - وحدت جو ڪر واپار،
حال فنا جو حاصل ڪر تون - باغ وفا جو ڪاءُ تہ ڦر تون
ديد ديدن ۾ دم دم ڌر تون - جلوو نور جو ڏس نروار،
من عرف جو سمجهہ اشارو - اني انا الله جو هڻ نعرو
واھ وڃاءِ تون نينهن نغارو - "بيدل" برهين بي اختيار.

روپ ديسي

هِت هُت حامي آھ اسان جو، هادي حضرت شاھ،

لحمڪ لحمي، روحڪ روحي، اعلي اسدالله
محبت وارن سان آهه ساٿي، وانگي ساهه پساهه،
لاقيدين لئي وحدت واري، روشن ڪيائين راهه،
من عرف جي مام جي بخشي، عشاقن آگاهه،
"بيدل"! مذهب ڪؤن رهه نيارو، وحدت رک ويساهه.

روپ جوڳ

ڪانگ لنوي مستي لاٿ،
محب مسافر چاڻ ڪي ايندا
جيڪس دانهان درد منهن جي جون، پهتيون اتي پرڀات،
اتم اميد ته هيئن نه ڇڏيندا،
ورندا سي ساڙيهه تي سڄڻا، طلب جنين جي آهي تات،
گولي پنهنجي گڏ گڏيندا.
ايندا جوءِ ۾ جانب جائي، وائي جنين جي تم وات،
دوست دلاسو دل کي ڏيندا.
درد فراق انهيءَ جي مون کي، حالون نيون هيهات،
وتي وصال جي شال ونديندا.
"بيدل" بلڪل تي نه ماندو، سنجهه صبح ڪي رات،
هوت اڇي توسان هڪ ٿيندا.

روپ بسنت

رمز چوان يا مام چوان - گهور سڄڻ جي هزارين گهايا.
رخ سڄڻ جو گل گلابي - بلبل ويک ٿيوي بيتابي،
نرگس چشمان نين شرابي - چشم چوان يا بادام چوان.
ابرو سيف ايران عجيبن - نيزا بڙڇيون بان جبين،
گهاءَ ڪرن منجهن هانءَ ضعيفن، تيغ چوان يا صمصام چوان.
عشق سڄڻ دي ڌوم مچايو - شاهي نوبت طبل وڄايو،
هر جا اپنا حڪم هلايو - شور چوان يا قيام چوان.
"بيدل" آهي حسن لئي ماندو - وار تنهنجي کون ناهي واندو،
اهو عجيب الله ڪٿي آندو - سو يار چوان يا آرام چوان.

لحمڪ لحمي، روحڪ روحي، اعلي اسدالله
محبت وارن سان آهہ ساٿي، وانگي ساهہ پساهہ،
لاقيدين لئي وحدت واري، روشن ڪيائين راهہ،
من عرف جي مام جي بخشي، عشاقن آگاهہ،
"بيدل"! مذهب ڪؤن رهہ نيارو، وحدت رک ويساهہ.

روپ جوڳ

ڪانگ لنوي مستي لاٿ،
محب مسافر ڄاڻ ڪي ايندا
جيڪس دانهان درد منهن جي جون، پهتيون اتي پرڀات،
اتم اميد تہ هيئن نہ ڇڏيندا.
ورندا سي ساڙيهہ تي سڄڻا، طلب جنين جي آهي تات،
گولي پنهنجي گڏ گڏيندا.
ايندا جوءِ ۾ جانب جائي، وائي جنين جي ٿم وات،
دوست دلاسو دل کي ڏيندا.
درد فراق انهيءَ جي مون کي، حالون نيون هيهات،
وتي وصال جي شال وندرئيندا.
"بيدل" بلڪل ٿي نہ ماندو، سنجهہ صبح ڪي رات،
هوت اچي توسان هڪ ٿيندا.

روپ بسنت

رمز چوان يا مام چوان - گهور سڄڻ جي هزارين گهايا.
رخ سڄڻ جو گل گلابي - بلبل ويک ٿيوي بيتابي،
نرگس چشمان نين شرابي - چشم چوان يا بادام چوان.
ابرو سيف ايران عجبين - نيزا بڙڇيون بان جبين،
گهاءُ ڪرن منجهن هانءِ ضعيفن. تيغ چوان يا صمصام چوان.
عشق سڄڻ دي ڏوم مچايو - شاهي نوبت طبل وڄايو،
هر جا اپنا حڪم هلايو - شور چوان يا قيام چوان.
"بيدل" آهي حسن لئي ماندو - وار تنهنجي ڪون ناهي واندو،
اهو عجيب الله ڪٿي آندو - سو يار چوان يا آرام چوان.

روپ ٻروو

ڪعبو قدسي توهي ساڻ، ڪوهہ ڪڍين ڪعبي جي ڪاڻ
الانسان سري وانا سره رمز پروڙ اها منجهہ پاڻ.
ملڪ فلڪ سڀ تنهنجا ساجد، سالڪ پنهنجو سر سڃاڻ.
ڪرسي عرش امر تنهنجي ۾، وحدت جو تو منجهہ وٿاڻ.
ڪعبي جو تون آهين مالڪ، "بيدل" ٻيو تان وهم نہ آڻ.

روپ وهاڳ

پهچ پير پيران پڌيءَ هيءَ ٻاڏايو،
مريدن تي ميران رکو رحم رايو،
سدا ساهہ منهنجو اوهان کي سنياري،
هميشه هنيو ٿو نينهنئون نهاري،
ڪريو دستگيري ڪون هستيءَ ڇڏايو،
تون انهن ملڪ معنيٰ سندو شاهہ سرور، تون سيد سچو نور ساقيءَ ڪوثر،
جذب جوش جو جام، پرتئون پلايو،
اوهان جي آهہ ناسوت ۾ نامداري،
تنهنجو حڪم ملڪوت جبروت جاري،
سندم روح لاهوت جي رنگ رچايو،
تون آهين غوث اعظم قوي پير قادر،
توهون نت ٿين سهسين ڪراماتِ صادر،
هيءُ ٻہ قطرو درياهہ سان نيئي ملايو،
منگي دان "بيدل" ٻرهہ جو بکياري،
سدا جوش جولان توحيد تاري،
الله لڳ پلا پال تنهن کي پلايو.

روپ جوڳ

دم الله عشق حقيقي مين چائي وي،
دمِ الله نينهن دي مين هان نپائي وي.
عشق آدم دي نال کيا کيتا نيٹون نير وهايا،
ابراهيم نون زوران زوري آتش وچ ستايا،

اسماعیل نون ذبح کریندا، ٻڈا برھ کاسائي وي۔
عشق نبي یعقوب نون ڈتڑا داغ فراق دا ڈاڈا،
زلیخا کاݨ یوسف دي کیتا طرف مصر دي کاڈا،
یحیٰ زکریا دي لوھو، وھوھ ورھ وھائي وي۔
عشق کھین دي نال نہ کیتي جیھي نال اماماں،
سر انہاں پاکاندي ھویا بیحد ھل ھنگاماں،
کربلا دي سر زمین تي ھوئي قیامت جائي وي۔
پیچي وت منصور نون، عشقي سوليءَ پکڑ چڑھایا،
شیخ عطار دا سیس کٹاکي، شمس دا پوش لھوایا،
صنعاں ویک سیاست انھین دي، ڈرندا خوک چرائي وي۔
شاھ شرف سرمد دي سر تي درد کیتي ڈاڑ ڈاڑي،
صوفي دا سر عشق چڑھایا، نیزي تي نرواري،
کیئي سالک وتن سڈائي، بار غماں سر چائي وي۔
مجنون دا لیلیٰ دي کیتي ڈاڈا جيءَ جکیندا،
شیرین لئي فرھاد فراقي مینءِ دا ٹکر ٹکیندا،
ھیر رانجھونون "بیدل" برھي کیھي چاٽي چکائي وي۔

روپ دیسي

سکي وسي آپ، دکي رھي آپ،
تون کج آپ نون وچون نہ آٹین،
آپ سھٹا آپ ري میان۔
کثرت والڑا تاھ تھایس،
بار غمان دا سر تي چایس،
جالي وچ عذاب۔
پانھپ والي قید مین آیا،
نبي علي انان نام سڈایا،
چوڑ خدائي خطاب۔
شاھ شھیدا دا بیک بناوندا،

شان شهادت پرتئون پاوندا،
هستي دا چوڙ حجاب.
مستي دي وچ من من كرندا،
سوز گداز دي سوليءَ چڙهندا،
ست ست سوال جواب.
"بيدل" سمجهه تون ڳالهه هماري،
شهه سپني وچ هويا بيكاري،
چاڻ خودي نون خواب.

غزل هندي

مين هون الک اروپ اجنم اكال ايک،
بيچون بيچگونه تبارک تعال ايک.
هر مثل سين اگرچ ظاهر ولي سمجهه،
عين وجود ذات ميرا بي مثال ايک.
خورشيد ميري سين هوئي ذرات كي مثل،
درپن هزار نوري جمال ايک.
وهم دوئي مهري سين نه هو، كامياب كب،
مين هون بيگانه ميري پاوي خيال ايک.
هستي ميري ظهور كيا آكي خاک سين،
ميري آگي هي نقش جمال وجلال ايک.
سني آرني اپني سين كهي اپني كو لن تراني،
سامع كليم مين هون جواب سوال ايک.
اپني خواهش سون احد سون احمد كهايا مين،
"بيدل" نهان عيان هي حقيقت مين حال ايک.

ريخته هندي

انا الحق آپ كهتا هي ووئي منصور كي اولي،
جو ماري دم انا الله كا درخت طور كي اولي.
بني انسان كي صورت برهه كي واسطي آيا،

نياز وناز ڪرتا ناظر ومنظور ڪي اولي،
حسن ڪا پوش پهني وو هوا جڳ ۾ تجلي گر،
دڪائي آپ ديتا هي حجاب نور ڪي اولي،
ڪهان عارف ڪهاتا هي ڪهان رندي بتاتا هي،
حقيقت ڪا ظهورا ديک سو دستور ڪي اولي،
ظهورا عين هي ڇپنا اسي محبوب ڪا "بيدل"،
عيان هي ذات بيچون پرده مستور ڪي اولي.

اردو غزل

همیں اسرار وحدت کا نفی اثبات میں دیکھا
سراسر نور بیرنگي ظهورذات میں دیکھا
نفی جب تک نہ هو هرگز نپاوےذوق اثباتی
اسی شطرنج کا هم جیتا اب مات میں دیکھا
کوئی جو هورها عاشق الکهہ بیچوں منزه پر
اروپ اور روپ کا اس نے لقا لمعات میں دیکھا
نہ هوا بوالهوس راغب پیالی کا بہ پنداری
کہ جام وتیغ هم والله سجن کے هاتهہ میں دیکھا
کسی منصور سے پوچها سبب انشائی معنیٰ کا
کها میں مطلب والا ابی اسمات میں دیکھا
یہ بیدل سن وفی انفسکم اس معشوق همهدم سے
کہ هم مصباح احدیت اسے مشکات میں دیکھا.

حوالا ۽ حاشيا

(١) موسوي، عبدالحسين شاهہ سيد "ديوان بيدل" سنڌي ادبي بورڊ جامشورو ١٩٥۴ع ص٥

(٢) وفائي، دين محمد مولانا "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد پهريون، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو ١٩٨۴ع ص٢٣٠

(٣) راجپال، بولچند وسومل "بيدل جو سنڌي ڪلام" جلد پهريون آزاد بڪ ڊپو جيڪب آباد ١٩٥٠ع ص٢
(٤) ساڳيو ص٩٤
(٥) آشاديال ڊاڪٽر "سنڌي شعر جي تواريخ" انجلي پرڪاشن الهاس نگر ١٩٨٤ع ص٢٤٠
(٦) راجپال، بولچند وسومل "بيدل جو سنڌي ڪلام" ص٤
(٧) هرجاڻي، گدومل ڪنٹ مل "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامه" تلڪ پريس سکر ١٩٤٠ع ص٢٥
(٨) راشدي، حسام الدين پير "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" (مقالو عشق جو اوتار بيدل پوتار) انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي ١٩٨١ع ص٤٤٣.
(٩) ساڳيو ص٤٤٢
(١٠) موسوي، عبدالحسين شاه سيد "ديوان بيدل" ص١٧
(١١) وفائي، دين محمد مولانا "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد ٽيون ص٢٣٢
(١٢) موسوي، عبدالحسين شاه سيد "ديوان بيدل" ص١٩
(١٣) درگاهي، اختر "بيدل جو اردو ڪلام" سچائي اشاعت گهر دڙو ١٩٩٧ع ص٤٣
(١٤) هرجاڻي، گدومل ڪنٹ مل "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرودنامه" اڳيون حوالو ص٤٢
(١٥) موسوي، عبدالحسين شاه سيد "ديوان بيدل" ص٢٣
(١٦) درگاهي، اختر "بيدل جو اردو ڪلام" ص٤٤
(١٧) راشدي، حسام الدين پير "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ص٤٤٤
(١٨) درگاهي، اختر "بيدل جو اردو ڪلام" ص٦٩
(١٩) فقير بيدل "پنج گنج" سنڌي ترجمو سبحان بخش فقير، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد ١٩٧٤ع ص٢٥
(٢٠) موسوي، عبدالحسين شاه سيد "ديوان بيدل" اڳيون حوالو ص٣٣ ۽ ڏسجي راشدي حسام الدين جو "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" (مقالو

بيدل جي دل جو ڏٺي) ص٤٦٠
(٢١) فقير بيدل "پنج گنج" سنڌي ترجمو سبحان بخش فقير ص٧١
(٢٢) سنڌي، عبدالمجيد ميمڻ "تذڪره شعراء سکر" سنڌي ادبي سوسائٽي
اسلاميه ڪاليج سکر ١٩٦٥ع ص٥٧
(٢٣) هرجاڻي، گدومل ڪنڻ مل "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽
سرودنامه" اڳيون حوالو ص١٣
(٢٤) ساڳيو ص ٣٥
(٢٥) ڪيسواڻي، لوڪومل درياهي سنگهه پروفيسر ۽ ڪماري ڪملا
لوڪومل "سنڌي شعر جي ڪسوٽي" حيدرآباد ١٩٤٦ع ص٤١
(٢٦) راشدي، حسام الدين پير "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ص٤٤٦
(٢٧) درگاهي، اختر "بيدل جو ڪلام" ص٥٣
(٢٨) هرجاڻي، گدومل ڪنڻ مل "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح
عمري ۽ سرورنامه" ص٩١
(٢٩) ساڳيو ص١٠٢
(٣٠) راشدي، حسام الدين "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ص٤٥٠
(٣١) موسوي، عبدالحسين شاهه سيد "ديوان بيدل" ص ٣١.

محمد محسن "بيڪس"

محمد محسن مشهور صوفي شاعر قادر بخش بيدل فقير جو پٽ هو. هي پنهنجي اباڻي شهر روهڙي ۾ ٢٦ جمادي الثاني ١٢٧٥هه / ٢ فيبروري ١٨٥٨ع ۾ پيدا ٿيو. بيدل فقير سندس جنم جي تاريخ هن نموني ساڻ لکي:

بيست وشش جماد ثاني زاد
محسن ومولدش مبارڪ باد
پنج وهفتاد يڪ هزارو دوصد
بد ز هجري رسول شاه رشاد
حق تعاليٰ به حق حسنينش
از حوادث زمان مصئون داراد.

محمد محسن "بيڪس" جي شروعاتي تعليم فقير بيدل جي فڪري اسڪول ۾ ٿي(١) هن جي تعليم ۽ تربيت تي سندس پيءُ تمام گهڻو توجهه ڏنو. پوءِ ڪيس آخوند عبدالله وٽ پڙهڻ ويهاريو ويو، جنهن ڪيس زماني جي دستور موجب فارسيءَ جي تعليم ڏني ۽ "سڪندر نامو" ختم ڪرايو(٢) آخوند عبدالله، بيدل فقير جو سؤٽ هو ۽ ان وقت هڪ استاد جي حيثيت سان گهڻو مشهور هو.

بيدل فقير وٽ هر وقت صوفين ۽ مريدن جي آمد رهندي هئي سندس ڪچهريءَ ۾ حق ۽ حسن جي تذڪري کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ٻڌڻ ۾ نه ايندو هو البت راڳ گهڻو هوندو هو. انهيءَ ماحول ۾ فقير محمد محسن پنهنجي زندگيءَ جا پهريان چوڏهن سال گذاريا ۽ اهڙي ماحول مان رچي ريتو ٿي نڪتو. هن جي طبيعت هونءَ ئي فقر، درويشي ۽ عاشقيءَ ڏانهن مائل هئي ويتر جو پنهنجي صوفي ۽ درويش والد جي صحبت ۾ هن تي وڌيڪ جلا ٿيندي رهي. طريقت جو مرشد به سندس والد فقير بيدل هئس. محمد محسن چوڏهن سالن جي ڄمار جو هو ته سندس والد بيدل فقير وفات ڪري ويو. والد جي وفات کان هڪ سال پوءِ هيءُ ١٢٩٠هه ۾ سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي درگاهه

تي ويو. سيوهڻ کان موٽڻ بعد ڪجهه وقت آخوند عبدالله جي مڪتب ۾ وچي ويهندو هو. جڏهن ته اڃا ٻه ڪا ڪمي رهيل هئي جنهن جي پورائي ڪرڻ جي انتظار ۾ هو. نيٺ ڪجهه وقت کان پوءِ ميرانپور جهوڪ شريف جي درگاهه ڏانهن روانو ٿيو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن سفر ۾ پيائي ڪشنومل ۽ سيد رسول بخش شاهه ٽرڙيءَ وارو به ساڻس شريڪ هئا. درگاهه تي پهچڻ کان پوءِ هيٺيون فارسي غزل چيائين:(٣)

من نعره انا الحق دم دم زنم بسوزي
من ڪوس ذات مطلق دم دم زنم بسوزي.
سلطان ملڪ اعلي بيرنگ بي نشانم
طبل خداي اعظم دم دم زنم بسوزي.
شهباز آشيانم لاهوت لامڪانم
آواز من خدايم دم دم زنم بسوزي.
من تحت وفوق هستم موجود زيرو بالا
طنبور عشق عالم دم دم زنم بسوزي.
اندر جهان بيڪس ڪردم بهانه بيدل
بيڪس نقاره وحدت دم دم زنم بسوزي.

جهوڪ ۾ جيترا ڏينهن رهيو ذڪر ۽ فڪر ۾ محو هوندو. سايائي ۽ سانجهي ٻنهي ٽائن تي سماع ڪندو هو(٤)

محمد محسن "بيڪس" شڪل شبيهه جو ڏاڍو سهڻو هو. قد بت جو پورو پنو، لٽي ڪپڙي جو شوقين هوندو هو(٥) بيڪس پنهنجي پيءُ وانگر وڏو حسرت پرست انسان هو. مسٽر بولچند صاحب لکي ٿو ته بيدل جو وڏو پٽ محمد .محسن به چڱو عابد ۽ زاهد. ٿي ساماٽو ٻنهي پيءُ پٽن روهڙيءَ ۾ مجازي ۽ حقيقي عشق جو درياهه ليٽائي ڇڏيو. روهڙيءَ جا ماڻهو عام طرح بيدل کي سائين وڏو ۽ محمد محسن "بيڪس" کي سائين ننڍو چوندا هئا(٦) سونهن پسندي ۽ عاشق مزاجي بيڪس جي نمايان خوبي هئي. محترم موسوي صاحب "ديوان بيڪس" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته پهريائين هڪڙي ڪرپارام نالي نينگر سان نينهن لاتائين(٧) ۽ پوءِ ته پين به ڪيترن ئي حسين

سان نينهن جو ناتو رکيائين جن جو ذڪر پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف هنڌن تي ڪيو اٿس جنهن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

١- " هيرا" سدا تون هوندين، جيءَ جيارا جاني،
هڪ دم نه ڌار ٿي تون اي ماهه بدر ثاني.

٢- ڏيـــري ڏيـــري چـــل زي" ديـــا"!

٣- "مـــوهـــن" مـــاهـــي تـــون هـــين مـــنـــڙا،

تـــوجـــيـــهـــا مـــين ڪـــوئـــي نـــهـــين ڏنـــڙا،
ڪـــيـــهـــي گـــنـــاهـــون تـــون مـــين ڪـــنـــون رنـــڙا،
ڪـــيـــهـــي ســـبـــب چـــت چـــاويـــن.

٤- "بـــيـــڪـــس" مـــلايـــم يـــار ســـان،

"هـــونـــدي" مـــتـــي مـــنـــتـــار ســـان،
دلبر پنهنجي دلدار سان جنهن لئه ٿيس مشهور زي.

بيڪس فقير، ڪرپارام، هيري، ديي، موهن ۽ هوندي کان سواءِ ڪنبي جي عشق ۾ ته بنهه حال وڃائي ويو. سندس ساهه جو سهارو ساجن ۽ جيءَ جو جيارو جاني ڪنيو هو، جنهن سان ايتري قدر محبت هوندي هيس، جو ان کان هڪ پل به جدا رهي نه سگهندو هو. پاڻ فرمائي ٿو ته:

ڪاڻ ڪنبي وچ بازار، "بيڪس" ويڪو بردايار.

۽ هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

"ڪينا" ڪول آميري، اتنا ماڻ ڪيا ڪرنا.

ڪنبي لال جي عشق ڪيس اهڙو ته سوگهو ڪيو هئس، جو سدائين پيو ڏسڻ لاءِ واجهائيندو رهندو هو. بيڪس جي ڪنبي سان عشق متعلق ڪيترا ئي قصا ۽ روايتون مشهور آهن جن مان اها ڳالهه چٽي آهي ته بيڪس فقير ڪنبي جي دام محبت ۾ اهڙو ته قائل هو جو ڪيس هر وقت هي ان جي لات لنوندي گذاريندو هو. "بيڪس" شخصي

لحاظ سان هڪ مڪمل صوفي منش هو. مذهبي ست ڀيد کان ڪوهين ڏور، هندو توڙي مسلم، غريب توڙي غني، شاهه توڙي گدا هر هڪ سان هڪجهڙو رويو هوندو هئس. "بيڪس" جي زندگي هڪ صوفي عاشق ۽ اعليٰ گڻن جو نمونو هئي. هن خوش پوشاڪ، خوش گفتار، انسان سدائين باوقار نموني سان گهاريو.

"بيڪس" پنهنجي پيءُ جي وفات بعد نون سالن کان پوءِ ٽيويهن ورهين جي ڀوڳ جوانيءَ ۾ ۵ رمضان ۱۲۹۸هه/۱۸۸۱ع تي وفات ڪئي. سندس تربت روهڙيءَ ۾ سندس پيءُ جي ساڄي طرف آهي.

بيڪس هڪ سچو صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. راڳ ويراڳ ۽ سماع سان سندس گهرو لڳاءُ هوندو هو. محترم پير حسام الدين راشدي لکي ٿو ته: "موج ايندي هيس ته پاڻ به گهنگهرو پائي يڪتارو کڻي ڪن تي هٿ رکي الو ميان ڪندو هو"(۸) هري دلگير صاحب به پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جي ڪتاب ۾ ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: "ٻڌو هئم ته چانڊوڪي رات ۾ درياهه جي ڪناري تي بيڪس واريءَ تي ليٽي راڳ ڳائيندو هو ۽ ڪنيو (سندس مجازي محبوب) ناچ نچندو هو"(۹) مطلب ته مٿس شاعري، راڳ ۽ عشق غالب هئا.

سندس ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته بيڪس ڏاڍو بلند پايي جو شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ جذبات نگاري ۽ حقيقت نگاري سرس آهي ۽ عشق جي ايثار تمام سٺي نموني ٿيل آهي. پنهنجي ڪلام ۾ حسن جو اظهار ڏاڍي دلچسپ انداز سان ڪيو اٿس. فني لحاظ سان سندس ڪلام گهڻو ڪري موسيقيءَ جي سٽاءَ تي سرجيل آهي. محترم موسوي صاحب سندس ڪلام تي راءِ ڏيندي چوي ٿو ته: "بيڪس جو ڪلام موسيقيءَ جي مڙني اصولن تي پورو آهي ۽ ان ۾ سوز ۽ گداز، محبت ۽ مستي جو عنصر تمام گهڻو آهي"(۱۰) ۽ پروفيسر معين الدين صاحب فرمائي ٿو ته "سندس شعرن ۾ درد، سوز ۽ معرفت الاهيءَ جو غلبو ملي ٿو. کيس علم موسيقيءَ جي خاصي واقفيت هئي.

فقير محمد محسن بيڪس سنڌي، سرائيڪي، هندي، فارسي

۽ اردوءَ ۾ ڪلام چيو. سندس ڪلام "ديوان بيڪس" ۾ سنڌي سرائيڪي ۱۹۴ ڪافيون، ڏوهيڙا، مناجاتون،مداحون، مثنوي، فارسي غزل ۽ قطعا شامل آهن. سندس ڪلام جي ٻولي سادي ۽ ڏاڍي وڻندڙ آهي. ڪٿي ڪٿي سنڌي، سرائيڪي ۽ هندي ٻولين جو هڪ عجيب امتزاج ملي ٿو، جيڪا سندس انفراديت آهي. بيڪس کي پنهنجي والد صاحب سان بي پناهه عقيدت ۽ محبت هئي. اهڙو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ به ڪيو اٿس ۽ هن، بيدل سائين جو سمورو ڪلام پنهنجي هٿ اکرين نقل ڪيو هو. ان جو هڪ نسخو پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

هيٺ بيڪس جي ڪلام جو انتخاب ڏجي ٿو:

بيان در ثنا جناب حضرت شاهه عنايت الله صوفي شهيد

چوان ٿو حمد حضرت شاهه سلطان،
شهيد حق حقيقت آهه سبحان.
عنايت الله مالڪ آهه هادي،
شهه شاهان وحدت ملڪ وادي.
مالڪ آهه ملڪ جو هر جاءِ بلاشڪ،
آهي سلطان زمين افلاڪ بيشڪ.
هيو سبحان سرور شاهه خالق،
هيو رحمان سڀ خلقت جو رازق.
شمس وقمر هيو انوار ان جو،
يوسف يعقوب هو اسرار ان جو.
عرش وڪرسيءَ جو هردم هادي آهي،
مڪان ولامڪان جو شاهه آهي.
هيو خالق، نه هرگز نه مخلوق،
ڪڏهين عاشق ٿيو ٿي يار معشوق.
هيو هر جاءِ تي موجود صوفي،

بهر کنهن ملڪ تي معبود صوفي.
بالا ۽ زير آهي شاهه موجود،
مٿي افلاڪ تي آهه شاهه معبود.
چيائين ازل ۾ الست بربڪم بلي
موٽي چيو تنهن شاهه ربڪم.
ڪيائين باهه مون بستان بيشڪ،
ڪيائين آب کي آتش بلاشڪ.
عجب اسرار بلڪل شاهه جو آهه،
نه ڪر تقرير "بيڪس" مست شهه آهه.
منهنجي مئي دل بلڪل جياريو،
وحدت عشق کي "بيڪس" سپاريو.
ڪريو ڪا نظر عظمت فيض واري،
وحدت عشق جي ڏيو سمجهه ساري.
ڏيو ڪا موج مستيءَ جي سدائين،
يگانو خيال ٿي وحدت سدائين.
دوئي سندي وجهو ديوار ڪيري،
ويهاريو دل کي منجهه وحدت جي ويڙهي.
مريدن تي ڪا ڪريو مهرباني،
غريبن کي ڪريو ڪا واصل جناني.
نٿا جنت گهرون ڪا پرين واري،
جنهن ۾ حور رضوان بيشماري.
گهرون ٿا بهشت محبوب حقيقت،
سندن وصلت گهرون ٿا شهه طريقت.
ڪريو ڪا مهرباني تا رسي هيءَ،
انهيءَ درگاهه وحدت کي پسي هيءَ.
بيدل واري پلائي شهه ڪريو ڪا،
وحدت عشق جي پيالي ڏيو ڪا.
ڪريو مقتول خنجر عشق جي سان،

ڪريو مقبول پانهي ڪي عشق سان.
پيالو عشق جو پر ڪري پياريو،
جسم جنجال وحدت سان وساريو،
ڪريان تقرير ڪهڙي حال جي مان،
اتو سيئي خبر نٿو چوان مان.

ڏوهيڙا

آئي مند ميلاپ جي، برهه ڪيو باران
ملڪن ڪي مستي ٿي، حوران ٿيون حيران
برهه ڪيو بيران، "بيڪس" ڪي بازار ۾.

راڻا رسڻ ڇڏ، اڄ ته پرچون پاڻ ۾،
ڪر پلائي "بيڪس" چوي، گوليءَ ڪي تون گڏ،
هيٺي هڏ م ڇڏ، نه ته مئي سڻندي ميندرا!

ڏونگر ڏهاٽي، پاڻ مٽائون گهوريان
تو ۾ رهاٽي، سدا پاروچن جي.

عمر اباٽي پار ڏي، مارو اڏن مُڏ،
اتي اسر ويل ڪي، ڪن ساهيڙيون سڏ،
هت مُئيءَ جا هڏ، هت روح اباٽي راڄ ڏي.
هندو مؤمن ناهه ڪو، آهي پاڻ الله.
فنا سندي فڪر ۾ ڪاهيو دل ڪي ڪاهه،
ڇڏ بيڪس بهانا، لاهي وٺ راهه.
تنهن جو ساهه پساهه ڪائيندو نه سرير ۾.

قاضي ملان ڇا ڪندا، آهي عشق اسان جو امام،
"بيڪس" جي برهه جو آهي ملن ۾ ماتام،

لونءِ لونءِ منجهہ لغامِ، "بيکس" کي برهہ جو.

زلف زنجير ساڏي دلبر دي، يا وت بسيهر ڪالي،
نين خماري توب تفنگان، ڪون انهان وچ جالي،
"بيکس" صدق جا انهان تون، نين جنهان دي آلي.

سجن بچڙا ڪب ملي، "بيکس" بيتا رو
جو ڪجهہ لکيا لوح قلم ۾، پاڙڻ پياسو،
ڪس ڪون ڪجهہ نہ کهو، جا هو وٺي سا هو رهي.

آسا پي رام ڪي، پي سڀ آسا پَن،
"بيکس" برهون بِن، ڪڏهين نہ رسي رام ڪي.

ڪافيون

روپ ڪنيات

ڪڏهن راضي ٿي ملندين راڻا!
ڪاڪ ڪماٽي، ويل وهاٽي، پينگ ٿيا سڀ پاٽا،
ڪڏهن راضي ٿي ملندين راڻا!
جا ڪون راڻا تون رسي وئين، سختيون سور سماٽا،
ڪڏهن راضي ٿي ملندين راڻا!
خيال خاطر کي پيو ڪو ناهي، ڃاڻيون توکي ڃاڻا،
ڪڏهن راضي ٿي ملندين راڻا!
هيڻن وسارڻ ناهي لائق، سوڍل يار سياڻا،
ڪڏهن راضي ٿي ملندين راڻا!
توريءَ ڪنهن سان ڪندي جاني، مُني مومل ماڻا،
ڪڏهن راضي ٿي ملندين راڻا!
"بيکس" ڇاهي تنهنجي در تي، وتن وليءَ وڪاڻا،

ڪڏهن راضي ٿي ملنديون راڻا!

روپ آسا

ڙاز محرم رس نہ يار، آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.
حال واقف يار همدم، هج هميشہ همقدم،
دم نہ هڪڙو ٿي تون ڏار.
ڪيئن ڪيئي جاني جفائي، مون سان ڇو ڪيئي بيوفائي،
ناٺءِ موليٰ جي نهار.
هيءَ رقيبن راهہ ماري، تن ۾ تنهنجي طلب طاري،
اڪڙيون تنهنجيون گل نار.
"بيڪس" بيوس ڇا ڪري، جو تو لئي دم دم ٿو مري،
تو تؤن صدقي وار وار.

پورب

عشق انسان جو امام،
دين، ڪفر ۾ ڇاهي!
فرقن جان فنا ڪئي، من اندر ماتام،
دين، ڪفر ۾ ڇاهي!
شهنشاهہ پاڻ هيس آءُ، غمزي ڪيس غلام،
دين، ڪفر ۾ ڇاهي!
طالبُ جي تحقيق آءُ، ڪٿي گروءَ ڏي گام،
دين، ڪفر ۾ ڇاهي!
بيڪس بيدل ڪون لذي، صحبت واري مام،
دين، ڪفر ۾ ڇاهي!

روپ بروو

ساجن سائين سير ڪرڻ لئي آيو انسان.
ڪاٿي ڪافر، گبر، يهودي، ڪٿي مسلمان،
ساجن سائين سير ڪرڻ لئي آيو انسان.
ڪاٿي مذهب جو مونجهارو، ڪاٿي بي ايمان،

ساجن سائين سير ڪرڻ لئي آيو انسان.
ڪاٿي "بيڪس" طالب ٿئي ٿو، بيدل پير مغان،
ساجن سائين سير ڪرڻ لئي آيو انسان.

روپ آسا

آهيان پاڻ الله، عشقؤن ٿو عبد سڏايان،
هتڙي ٻانهون ٻانهن جو، هت هوس شاهنشاهہ،
هتڙي ماٺو ماٺ وهان، هت دهشت جو درياهہ،
الانسان سري وانا سره عشاقن آگاهہ،
"بيڪس" رک تون دل ۾ بلڪل وحدت جو ويساهہ،

روپ پورب

بيٺا منجهہ بازار، لاهوتي مون لکيا.
پيرين پراٺا ڪرڪٽا، زرد سندن رخسار.
ڪنهن نہ انهان ڪون لکيا، ساري منجهہ سنسار.
بيٺا ها بازار ۾، درسن ڪن ديدار.
سامن ڪي سهيون ڪر، طالب ڪو تڪرار.
ڏسي هن نذر ڪي، ڪيائون تند تنوار.
چمي شامل چاهہ سان، پرين جي پيزار.
بخشيائون .بيڪس" ڪي عشق وارو آزار.
سناسين سڏاريو، ڪريان شڪر هزار.

روپ بسونت

پيئا بسونتي ڪر ويس آيا، آپ عجب رنگ لايا.
جاما زرد بسونتي ڪيتس، رخ گلابي پايا،
آپ عجب رنگ لايا.
دست پيالا محبت والا، اتون خنجر لڳايا،
آپ عجب رنگ لايا.
نين سپاهي خوني خماري، مسڪين مار ستايا،
آپ عجب رنگ لايا.

مزگان ناوڪ ابرو ڪمانان، سينہ مئن سپر پايا،
آپ عجب رنگ لايا.
"بيڪس" ويک نظارا بسونتي بيدل سرب سمايا،
آپ عجب رنگ لايا.

آسا

"ڪنيہ" ڪول آ ميري، اتنا ماڻ ڪيا ڪرنا،
اي سانورا، سڻ سخن ميرا، خدا ڪولون ڪي ڪڇ ڊرنا.
بچايم سيج سولان دي، جب آئي رين بڇڙن دي،
اي گلرز دلربا دلبر، ملڻ ڪا حرف ڪب پڙهنا.
دکي هي جان جي ميرا، سکي لا غرض تن تيرا،
گلي ۾ رين دن ڦيرا، اي دلبر ڏيان ڪي ڏرنا.
"بيڪس" بردا تيرا بيوس هماري دلڙي تم لي ڪس،
ماٿا نہ ڪر ميرا جاني، اي دلبر عاقبت مرنا.

غزل (فارسي)

ساقي! بهار آمد رنگين لباس ڪن،
مئي لعل فام بخشا، وحدت اساس ڪن.
حاجي به مکه رفته ما مبتلاي ابرو،
بردل خدائي منزل خوشيت قياس ڪن.
دوشم قتال جانم در خواب گفت رفته،
خواهي شوي تو همدم انفاس پاس ڪن.
احوال صوفيان را از دم طنبور پرسي،
بازار حسن گرم است بردل قياس ڪن.
در چاره سوي وحدتِ مشتاق صوفيان اند،
"بيڪس" غلام خود را معنيٰ شناس ڪن.

حوالا ۽ حاشيا

(۱) درگاهي، اختر "بيدل جو اردو ڪلام" سچائي اشاعت گهر دڙو ۱۹۹۷ع ص۵۵

(۲) موسوي، عبدالحسين شاهه سيد "ديوان بيڪس" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ۱۹۸۳ع ص۳

(۳) ساڳيو ص۴

(۴) زباني روايت صوفي صدرالدين عمر ۷۰ ورهيه درگاهه صوفي سلام الله عرف ٺر ڏٺي بادشاهه تجل شريف ضلع خيرپور

(۵) موسوي، عبدالحسين شاهه سيد "ديوان بيڪس" اڳيون حوالو ص۵

(٦) راجپال، بولچند وسومل "بيدل جو سنڌي ڪلام" آزاد بڪ ڊپو جيڪب آباد ۱۹۵ع ص۹

(۷) موسوي، عبدالحسين شاهه سيد "ديوان بيڪس" اڳيون حوالو ص۹

(۸) راشدي، حسام الدين پير "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي ۱۹۸۱ع ص ۴۴۵

(۹) دلگير، هري "چولو منهنجو چڪ ۾" ۱۹۹۰ع ص ۱۹

(۱۰) موسوي، عبدالحسين شاهه سيد "ديوان بيڪس" اڳيون حوالو ص۲۱

(۱۱) درائي، معين الدين پروفيسر" صوفياءِ سنڌ اور اردو" ايجوڪيشنل پريس ڪراچي ۱۹۷۳ع ص ۱۹٦

نواب شاھ "سڪايل"

نواب شاھ روھڙيءَ جي رضوي سيدن مان سيد نواب امام عليءَ جو فرزند ھو. ١٨٤٣ع ڌاري سندس ولادت ٿي. جيئن تہ ھي ھڪ معزز ۽ دولتمند گھراڻي مان ھو، تنھن ڪري شروعاتي زندگي عيش ۽ آرام ۾ گذاريائين. ظاھري تعليم بہ سٺي حاصل ڪيائين. جوانيءَ ۾ صوفي فقير بيڪس، جي نظر فيض جي اثر سندس زندگيءَ ۾ عجيب ڦيرو آندو. سڀ شاھاڻا شوق ڇڏي، فقير بڻيو. بيڪس جي وفات کان پوءِ دنيا کي ترڪ ڪري مرشد جي مزار جو مجاور بڻيو. آخر اتي ئي پنھنجي زندگيءَ جا ڏينھن پورا ڪندي، ذوالقعد ١٣١٩ھ ١٩٠١ع ۾ ھن دنيا مان لاڏاڻو ڪيائين. پنھنجي مرشد بيڪس جي پيرانديءَ کان مدفون ٿيو.

نواب شاھ تي سندس مرشد جو اثر گھڻو غالب ھو. پنھنجي شاعريءَ ۾ ھڪ ھنڌ فرمائي ٿو:

بيڪس اتي ڇٽ جھلايا جو وير وحدت جا باغ بنايا
شاھ حشن فاڳاوڻ ڳايا سورھ تيا سلط
ماري دم خدائي

سندس شاعريءَ ۾ اھو ئي جوش ۽ ولولو شدت سان موجود آھي، حسن ۽ عشق جو ذڪر آھي. مستي ۽ ڪيف آھي. تصوف جا نڪتا بہ جماليات جي جلوي سان پيش ڪيا اٿس. سندس شاعريءَ ۾ پين خوبين کان سواءِ ٻوليءَ جي سادگي، ميناج، موسيقي ۽ رواني بہ چڱي آھي. سندس ڪلام نموني طور پيش ڪجي ٿو:

بيت

"سڪايل" جي سور جي، ساجن لھہ سنڀار
اٺئي پھر اندر ۾، تنھنجي آھ پچار
مرڪ تنھنجيءَ مست ڪيو، نازڪ نيڻن ٺار
اکين جا آذار، آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

ڪافيون

بـازار ۾ آيـو يـار پيـارو، هل تـہ هلـي بـازار ڏسـون
گلبدن سو گلرخ جاني، ملڪن ۾ جنهن جو مٽ نہ ثاني
ســـو جــانـي جـلـويـدار ڏســـون
بنا سينگار سدائين سهڻو، ڪونہ ڏنوسين ڪومن مهڻو
تــنــهــن دلـبــر جــا ديــدار ڏســون
ابرو سيف ايراني خالي، خون عاشقن ۾ هردم عالي
ســوجــنــگ ســنــدو جــهــونـجــهـــارڏسون
ڪير اچن تـا سر سنباهيون، ڪير وجن تا ڪنڌ ڪپايون
تــنــهــن اڏيءَ جــا اســرار ڏســـون
ڦـاٽي تـان وري ڦـٽـڪـڻ ڪـهـڙو، سـور انـهـيءَ ۾ ڏاڍو ريـهـو
مــــردرد ســنــدا ڏڏڪـــار ڏســـون
چار وڄهي ٿو چام ڦاسائي، بازرين تنهن تي لوڪ هسائي
خـــان مـــلــي ســـر خـــوار ڏســـون
سرت "سـڪـايل" رک تون سمجهي ڪج نہ جان پياري پنهنجي
تـــہ عـــشـــق ســنــدا اســـرار ڏســـون

وطـن ڇـڏيـو تـو ســانـگـي، دل پـئـي تـانـگـهـي
ڪــريـــو عـــنـــايـــت مـــحـــب مـــلــڻ جــي
ڪونہ پرينءَ جو قاصد آيو، اتن الائي ڪهڙو روح جو رايو
ڪـــانـــہ خـــبـــر آنـــدي ڪـــانـــگـــي

ڏونڊي پيڙي پکـهہ پراٽا، مان اڻ تاري تري نہ ڇاٽا
نـــيـــنـــهـــن لـــڳـــو آهـــي نـــانـــگـــي
پرين مون کي پرديس رلايو، جهنگ جبل مون کي جالڻ آيو
ڪـــيـــر لـــنـــگـــهـــائـــيـــنـــدم لانـــگـــهـــي
چـوي "سـڪـايـل" ڪين وسـاريان، سـاعـت سـاعت ۾ تـنـهنکي سـاريان
اڙي هـــــان نـــــال اڙانــــــگـــــــي

سوامي سترامداس "سڪايل"

سترا مداس "سڪايل" روهڙي لڳ هڪ ننڍي ڳوٺ جو وينل هو. سيد علي اڪبر ثانيءَ (جان الله شاهه روهڙيءَ جو ستون سجاده نشين) جو طالب هو. ورهاڱي واري دور ۾ وفات ڪيائين(۱) سترا مداس "سِڪايل" چڱو شاعر هو. سندس شعر تي تصوف ۽ ويدانت جو اثر نمايان آهي. هن جون اڪثر ڪافيون وائيءَ جي ٽيڪنڪ تي آهن. سندس ڪلام نموني طور پيش ڪجي ٿو:

ڪافيون

سائين منهنجو حال سڻايو، قاصد پيش پرين جي نيئي
وڇوڙي جي مون آڳ اندر ۾، محبت مچ مچايو
درد منهنجي جي دانهن سيائي، ٻاروچل کي ٻڌايو
ظاهر جانب جدا ٿي ديرو، لڪندو ڪين لڪايو
"سڪايل" کي سار سيد جي، جنهن ڏسندي ڏينهن وڃايو

سڄڻ منهن جا آيا، جاني منهنجا آيا، وسيا ميگهه ملهار
مينهن وسڻ جي ڏاڍي منڊ آئي
بوندن برسڻ جي جهڙ لائي
جهڙڪيون آهن ڏاڍيون جهوڪان
ڪڪر بادل ڪن ٿا گوڙيان
ڪڏهن اوپر ڪڏهن ڏکڻ اڃي ٿو
مينهن اتر جو ڪين گسي ٿو
رم جهم مينهڙا ورهه وسن ٿا
"سڪايل" کي محب ملن ٿا

حوالا ۽ حاشيا

(۱) سنڌي عبدالمجيد ميمڻ تذڪره شعراءِ سکر سنڌي ادبي سوسائٽي سکر۱۹۹۶ ص۲۰۴

ڀائي ڏرمداس

ڏرمداس ڳوٺ مٽين تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي جو صوفي بزرگ هو. ننڍي هوندي کان صوفي منش هئڻ جي ڪري روهڙيءَ ۾ صوفي وسڻ رام جي استان تي وڃڻ لڳو. ڪيترو وقت ڳوٺ کان پري هڪ جهنگ ۾ رهي ذڪر فڪر ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ جهنگ مان سڪل ڪاٺين جي ڀري ڪٽي پيرين پيادو روهڙيءَ ۾ صوفي وسڻ رام جي لنگر ۾ آڻي ڏيندو هو.

گهڻي وقت کان پوءِ ڏرمداس لاڙڪاڻي شهر جي ٻاهران هڪ تلاءَ تي (سندس چيلي بيڪارام سان گڏجي) اچي هڪ ننڍي جاءِ ٺهرائي رهڻ لڳا ۽ اتي ئي پنهنجو استان ٺاهيائين ۽ سچي حياتي اتي ويدانيت جو درس ڏيندو رهيو. ڏرمداس ورهاڱي کان ڪجهه وقت اڳ ۾ اسي سالن کن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.

ڏرمداس گهڻو ڪلام رچيو جيڪو سندس هٿ اکرن ۾ لکيل هو سو هڪ ڀيري ريلوي مسافري ڪندي چورائجي ويو(۱) اسان کي سندس فقط هيٺيون شعر مليو آهي جيڪو ڏجي ٿو:

تون نور رخ شمع جو، مان پروانو تنهنجو جاني،
تنهنجو جلوو جانب جنهن جو ڪوبہ ناهي ثاني(۲).

حوالا ۽ حاشيا

(۱) خوشحالاڻي خوشيرام نيلداس ”درويشي ڪلام“ ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل سڌارسيا حيدرآباد ۱۹۳۲ع ص۳۳۲

(۲) پروفيسر نواز علي شوق جي قلمي ذخيري مان ورتل.

فقير پارو شاهہ

پارو شاهہ جو اصل نالو پارومل هو. هي هسراج سوناري جو پٽ روهڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. اباڻو ڌنڌو سونارڪو ڇڏي فارسي سکڻ لڳو ۽ فارسيءَ جي تمام سٺي ڄاڻ حاصل ڪيائين. هن جو ننڍي هوندي کان ئي ڌرمي ۽ مذهبي ڳالهين ڏانهن لاڙو هوندو هو. تعليم وٺڻ مان فارغ ٿي، سيٽلمينٽ کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. ڪجهہ وقت کان پوءِ اتان ڪٽو ٿي پوليس ۾ ڀرتي ٿيو. جتي خاص ٽپال جو اردلي مقرر ڪيو ويو. جيڪا ٽپال واسُراءِ ڏي ويندي هئي، سا هن جي معرفت ويندي هئي. هڪ ڀيري پاڻ پرهہ ڦٽيءَ کان ويندي رات جي اٺين وڳي تائين ڊيوٽيءَ تي هو. مسلسل ڊيوٽيءَ ڪري اجان وردي لاٿائين مس تہ مٿان ڪپتان جو ماڻهو اچي ڪڙڪيو تہ پوسٽ پچاءِ. کيس ڏاڍو ڏکيو لڳو. ڪاوڙ ۾ انهيءَ ٽاڻي ئي وردي، سنجيل گهوڙو، ٽپال ۽ ٻيو سرڪاري سامان کڻائي اچي ڪپتان وٽ پهچائي، استعيفا پيش ڪيائين. ڪپتان کيس گهڻو ئي انعام ۽ ڇوٽ ڏيڻ جا دلاسا ڏيئي سمجهايو، پر هي نوڪري ڇڏي هليو ويو.

شڪارپور جي سوناري سيٺ جهامنداس جي ڌيءَ ماتا گنگا سان وهانءُ ٿيس پر ان وقت ناريءَ جي ڇمار ننڍي هئي، تنهن ڪري مائٽن ۾ ئي رهندي هئي. هڪ ڏينهن پارومل شڪارپور ۾ سيٺ جي گهر اچي پنهنجي استريءَ کي گهر وٺي وڃڻ لاءِ گهر ڪيائين. تنهن تي سيٺ مٿس تمام گهڻو ڪاوڙيو ۽ ڇوڪري ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. سيٺ جي گوڙ شور تي ماتا گنگا ۽ سندس ماءُ ٻئي اچي ڏاڪڻ وٽ بيٺيون تہ هن ڪنڌ ڦيرائي هنن ڏانهن ڏٺو. جڏهن ماتا گنگا ۾ گهوري ڏٺائين تہ کيس ديويءَ جو درشن ٿيو ۽ پاروءَ بيخوديءَ ۾ چيو گنگا تون اڄ کان پوءِ اسان جي "ماتا"! "ماتا گنگا"!! ائين چئي ماٺ ميٺ ۾ هليو ويو ۽ پوءِ ٻاويهہ سال بر پٽن ۾ رلندو گذاريندو رهيو.

پارو شاهہ بيدل فقير جو عقيدتمند هو ۽ ساڻس تمام

گهٽي دل هوندي هيس. هڪ ڀيري بيدل فقير، قلندر جي ميلي تي پئي
ويو ته واٽ تي پارومل گڏيس ته ڪيس چيائين ته مون سان هل پر هن
چيو ته روهڙيءَ ۾ سکيو تيار آهي، سو پيئڻ ٿو وڃان. بيدل ته
موڪلائي سيوهڻ هلو آيو. تٿ، تاريخ، وقت ويلو لکي ڇڏيائين ته وڃي
پڇا ڪيائين ته برابر پاروءَ سکيو پيتو هو؟ جڏهن موٽيو تڏهن سنگتين
ساٿين کان پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته انهيءَ ڏينهن هو برابر باغ ۾
ڀنگ پيئڻ آيو هو ۽ سڄو ڏينهن رات روهڙيءَ ۾ ڏيويءَ ۾ رهيو. انهيءَ
ڏينهن کان پوءِ کيس خدا جي تصوير ڇاٽي کيس پارو شاهه ڪوٺڻ
لڳو(۱) پاروشاهه بيدل جي فرزند بيڪس کان به فيض حاصل ڪري
سندس طالب ٿيو هو(۲) شراب پاٽيءَ وانگر پيئندو رهندو هو. جڏهن
پارومل عمر جي پڇاڙيءَ وارن ڏهاڙن ۾ بيمار ٿي پيو ته ماتا گنگا وٽن
سيوا لاءِ آئي، تڏهن اٽڪل چاليهه ورهيه ڇمار هيس.

پاروشاهه روشن ضمير، سياڻو، نهٺو ۽ ڪيني ڪروڌ کان
بلڪل پاڪ هو. پاروشاهه هڪ سٺو صوفي شاعر به هو. سندس
جيڪو ڪلام مليو آهي، تنهن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هي
هڪ پختو ۽ فڪر ڀريو شاعر هو. هن جي شاعريءَ ۾ عشق ۽ حقيقت
جي اپٽار آهي. سندس شاعري نموني طور پيش ڪجي ٿي:

سندس مرشد بابت ڪافيون

منهنجو مير محسن قلندر قلندر
سدا شائقن جي دل اندر دل اندر
قلندر جي عرش مٿي آشنائي
ور تي شاهه بيدل تهين ۾ فنائي
ڪيو پوءِ بيدل، بيڪس ڪي تن اندر
تڏهين چئبو هي به ته آهي قلندر
۽ ظاهر باطن قلندر قلندر
قلندر جي معنيٰ ڪُل اندر ڪُل اندر

سـيـنـي گـلـن ۾ گـل مـحـسـن

حـسـن حـسـيـن عـلـي پـنـجـتـن

بـاغ بـيـدل جـي ڪـئـي آهـي بـهـاري

بلاولي

ڇتي هن عشق کي لشکر، حسن گهرٻار جيتيوسي.

پئي دل جا أنا الحق وچ، دوئي دل تئون ٿئي ٻاهر،

چڙهيان فوجان" فنا في الله" عقل نون لوٽ نيتوسي.

شکر ۾ شهدو جهانان دي، لڳي دل کون مثل ولادي،

پيالا زهر قاتل دا، هٿيون دلدار پيتوسي.


کنجي گهن برهہ دي هٿ سون قفل دل دا کوليا جڏهان

پارو اپني پياري کون اندر وچ صحيون سڄاتوسي.


حوالا ۽ حاشيا

(۱) ماهوار روح رهاڻ جلد۱ نمبر ۱۲ مارچ ۱۹۲۱ع ص۲۷

(۲) سبحان بخش صوفي فقير پنج گنج پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد ۱۹۷۶ع ص۸۰




سيد مير جان محمد شاهہ رضوي
جي والد سيد ابراهيم شاهہ
ڏانهن منسوب مزار جي تصوير




مير جان الله شاه مير جي والد سيد ابراهيم شاه
واري مسجد درياه جي ڪپ تي - ۱۲ صدي هجري



ڪوٽ مير جان الله شاهہ ثاني ۾ ساداتن جي قديم حويلين جو ڏيک



ڪوٽ مير جان الله شاهہ ثاني جي اڳوٽي دروازي جو ڏيک



درگاه مير جان الله شاهہ رضوي
جي اڳوڻي تصوير



Title By Sindhica